# اکر اکر آرسي

(استاد بخاري جي شاعريءَ جي لغت)

عزيز ڪنگراڻي

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد

# اَڪراَڪرآرسي

(استاد بخاريءَ جي شاعريءَ جي لغت)

عزيز ڪنگراڻي

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

حيدرآباد، سنڌ

2009ع

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد جو ڪتاب نمبر (126)
سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

# اکر اکر آرسي (لغت)

ليکڪ: عزيز ڪنگراڻي

ڇاپو: پهريون

سال: جون 2009ع

تعداد: 1000

قيمت: 100/= روپيا

**Catalogue Reference**
Ustad Bukhari
Aziz Kingrani
Dictionary of ustad Bukhari's Poetry
Sindhi Language
Sindhi Language Authority,
Hyderabad Sindh.
ISBN: 978-969-8194-94-9

**Akhar-u- Akhar-u- Aarsi**

| | |
|---|---|
| By: | Aziz Kingrani |
| Edition: | June, 2009 |
| Quantity: | 1000 |
| Price: | Rs. 100 /= |
| Composed by: | Sakhawat Ali Jatoi |
| Title: | Muhammad Ramzan Turk |
| Printed by: | Sindhica Academy, Karachi |
| Published by: | Taj Joyo, Secretary, Sindhi Language Authority Hyderabad, National Highway, Hyderabad, Sindh, Pakistan 71000 |
| Tel: | 022-9240050-53 |
| Fax: | 022-9240051 |
| E-mail: | sindhila@yahoo.com |
| Website: | www.sindhila.org |

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

## ارپنا

سنڌي ٻوليءَ جي نامور اديب، تاريخدان ۽ محقق
**پروفيسر عبدالله مگسي جي نالي**
جنهن مون کي تاريخ ۽ تحقيق جي ميدان ۾ ڪم
ڪرڻ لاءِ همٿايو.

**عزيز ڪنگراڻي**

## ناشر پاران

”اکر اکر آرسي“ جيئن نالي مان ظاھر آھي، سنڌ جي ناماري شاعر استاد بخاريءَ جي شاعريءَ جو اھڃو آئينو آھي، جنھن جي مدد سان اسين سنڌس شاعريءَ ۾ استعمال ٿيل اکر اکر (لفظ لفظ) کي ڏسي سگھون ٿا، بلڪ ان جي ذريعي سنڌس شاعريءَ کي سمجھي بہ سگھون ٿا.

سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ جي پبليڪيشن ڪميٽيءَ پاران فيصلو ڪيو ويو آھي تہ سنڌ جي قديم ڪلاسيڪي شاعرن وانگر سنڌ جي جديد شاعرن جي شاعريءَ جي لغت بہ ضرور ھئڻ گھرجي، جن ۾ شيخ اياز کان اياز گل تائين ھڪ وڏي فھرست شامل آھي.

قديم شاعرن جي لغت جي ضرورت ان ڪري پوندي آھي، جو وقت گذرڻ سان ڪي لفظ ۽ اصطلاح متروڪ يا گھٽ استعمال ھيٺ، تہ ڪي پاڻ تبديل ٿي ويندا آھن يا انھن جو معنائون بدلجي وينديون آھن؛ ان ڪري پوءِ جي زمانن ۾ انھن کي سمجھڻ ڏکيو ٿي پوندو آھي. جديد شاعرن جي لغت ڇپرائڻ جو جواز ھيءُ آھي تہ سنڌ ايتري وسيع آھي ۽ ان جي مختلف خطن جي لھجن ۾ ايترا تہ مختلف لفظ ۽ اصطلاح موجود آھن، جو ھڪ خطي يا لھجي وارو ماڻھو ٻئي لھجي جي ڪن لفظن کي سمجھڻ ۾ دقت محسوس ڪندو آھي يا ڪٿي ڪٿي ڪا ابتڙ معنيٰ بہ سمجھي ويھندو آھي. انھن لفظن مان ڪي تہ ھو ٻين عام لغتن ۾ ڳولي وٺندو آھي، پر ڪي وري انھن ۾ موجود ڪونہ ھوندا آھن. ان ڪري ڪنھن شاعر جي شاعريءَ جي لغت جي ذريعي نہ صرف انھن لفظن يا اصطلاحن جون معنائون ڄاڻي سگھبيون بلڪ ان ريت سنڌ جي مختلف خطن ۾ مروج لفظن جو ذخيرو (Vocabulary) بہ ھڪ ھنڌ گڏ ٿي سگھندو.

استاد بخاريءَ جو پنهنجو نرالو ڊڪشن آهي، سنڌس شاعريءَ ۾ پنهنجي تر يعني ڪاڇي ۽ ڪڇي جي ٻوليءَ جا ڪيترائي خوبصورت لفظ استعمال ٿيل آهن، جن کي هن لغت ۾ آندو ويو آهي. اسان کي اميد آهي ته هن لغت مان پڙهندڙ ته لاڀ پرائيندا، پر ان ۾ آيل لفظ ۽ اصطلاح هڪ هنڌ رڪارڊ ٿيڻ ڪري سنڌي ٻوليءَ جي وسعت ۽ شاهوڪاريءَ ۾ پڻ واڌارو ڪندا ۽ اسان جي لغت ۾ به واڌاري طور شامل ڪري سگهبا.

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

چيئرپرسن

10 جون 2009ع

حيدرآباد_سنڌ

## پنهنجي پاران

سنڌي ٻوليءَ کي جن شاعرن ۽ تخليقڪارن تي ناز رهندو، انهن ۾ سيد احمد شاهه استاد بخاري سر فهرست آهي. سنڌي شاعري ۾ روايتي فارسي اثر جي پُڄاڻي کان پوءِ سنڌي شاعري کي جيڪي اعليٰ ۽ روشن خيال ذات ڏٺي نصيب ٿيا ۽ جن پنهنجي بي پناهه تخليقي صلاحيت، ذات، ڏانءُ ۽ تخيل کي سنڌي ٻوليءَ جي جهولي پرڻ لاءِ نهايت خوبصورتي،حُسناڪي ۽ ڪماليت سان ڪم آندو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي زرخيزي ۾ اضافو ڪيو، انهن ۾ استاد بخاري مٿانهون مقام رکي ٿو.

ورهاڱي کان پوءِ جيڪي شاعر سنڌيءَ ۾ پنهنجي پوري تخليقي سگهه سان سامهون آيا ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ صحيح معنيٰ ۾ جديد ڪلاسڪ جو درجو رکندڙ، شعري رستا جوڙيا، تن ۾ شيخ اياز، امداد حُسيني، تنوير عباسي، شمشيرالحيدري سان گڏ استاد بخاري به اهم حيثيت جو حامل شاعر آهي،جنهن پنهنجي شعر ذريعي سنڌي شاعري ۽ سنڌي ٻولي کي زرخيزي عطا ڪئي. استاد بخاري پنهنجي هم عصر شاعرن ۾ اڪيلواهم ۽ منفرد شاعر آهي، جنهن پنهنجي شعر جو رشتو هڪ طرف ڪلاسيڪل شاعري سان ڳنڍيو ته ٻئي پاسي هم عصر دور جي مسئلن، حالتن، ماحول، جذبات ۽ موضوعن کي اهڙي رنگ ڍنگ ۽ انداز ۾ بيان ڪيو جو سنڌي شاعري پنهنجي تخليقي، تعميري، فني، ۽ فڪري معيار کي قائم رکندي، ڊرائنگ رومن، مشاعرن ۽ خاص طبقي جي محفلن مان ٻاهر نڪري، عوام، ان ۾ به عام ماڻهن ۽ انهن جي ٻولي، جذبن ۽ احساسن جي ترجماني جو اعليٰ مظهر بڻجي پئي. اهو ئي بنيادي ڪارڻ آهي جو استاد بخاري منفرد ۽ مقبول شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو. استاد بخاري سنڌي ٻولي جو اهڙو شاعر آهي جنهن جي شاعري ۾ سادگي، نرالپ، منفرد انداز بيان ۽ اسلوب، فڪري گهرائين، اعليٰ

فني پهلوئن، اڇوتن موضوعن، ڪردارن ۽ تخليقي سچائين جي خوشبوءِ شامل آهي. سندس شاعري جي گهڻ رخي خاصيتن جي ڇنڊڇاڻ ۽ تفصيلي اڀياس سان جديد سنڌي شاعري کي سمجهڻ ۽ ان جي ڪٿ ڪرڻ ۾ اَوَس مددگار ثابت ٿي سگهي ٿي پر سندس عوامي ٻولي جيڪا خوبين جي هڪ خزاني کان گهٽ ناهي سا وڌي وٺ به آهي ته سنڌ، سنڌي ٻولي، تاريخ، سنڌي سماج ۽ سنڌي عوام جي تشخيص به آهي.

شاهه لطيف، مرزا غالب ۽ ٻين اهم شاعرن جي شاعريءَ جون لغتون ترتيب ڏنل آهن. انهيءَ اهميت کي ذهن ۾ رکندي مون استاد بخاري جي شاعريءَ جي لغت تي پئي ويچاريو آهي. سندس شاعري جي شايع ٿيل اٽڪل 22 ڪتابن مان لفظ ميڙڻ، چونڊڻ ۽ ترتيب ڏيڻ شروع ڪيا. استاد بخاري جي شاعريءَ جي لغت ترتيب ڏيڻ وقت هيٺ ڄاڻايل لغتون منهنجي مطالعي ۾ رهيون.

1، لغات سنڌي، عبدالڪريم سنديلو.
2، سنڌي- انگريزي لغت، پرمانند ميوارام.
3، نئين جامع سنڌي لغات، ته جُلدي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ.
4، هندي اردو لغت، راجا راجيسور راءُ اصغر.
5، فرهنگ فارسي، ڊاڪٽر محمد عبداللطيف.
6، فيروزاللغات اردو، مولوي فيروزالدين.

شاهه لطيف جو لاڳاپو لاڙ واري علائقي سان هو، جنهن ڪري سندس شاعري ۾ لاڙ جي لب لهجي ۽ ٻوليءَ جو اثر نمايان آهي. سچل سرمست جو واسطو سنڌ جي سري يا اتر واري ڀاڱي سان هئو، ان ڪري سندس شاعريءَ ۾ اترادي لهجي ۽ ٻوليءَ جو رس جهلڪندي نظر اچي ٿو. وچولي ۾ جلال ڪٽي پڻ ذڪر لائق شاعر آهي پر استاد بخاري سنڌي ٻوليءَ جو واحد اهم ۽ وڏو شاعر آهي جنهن جو، سنڌ جي وچولي واري حصي سان تعلق آهي. استاد بخاري ٻين وڏن شاعرن وانگر لاڙ توڙي اترادي لب لهجو به ڪم آندو آهي پر استاد جي شاعري تي وچولي جو اثر واضح نظر اچي

تو. اُنهيءَ جي ڪري اسين استاد بخاري جي شاعريءَ ۾ ڪم آيل ٻولي ۽ لب لهجي وسيلي جهڙوڪر پهريون پيرو وچولي واري ٻولي ۽ لب لهجي ڪان روشناس ٿيون پيا.

استاد بخاريءَ، سنڌي ٻوليءَ جا مروج لفظ ۽ اصطلاح به ڪم آندا آهن، پر هن اڪثر مروج لفظن کي نيون معنائون ڏئي پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪم به آندو آهي ته نوان لفظ ۽ اصطلاح به تخليق ڪري سنڌي ٻوليءَ کي ضخيم بڻايو آهي. استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ ڪم آيل ٻولي جي وڏي خوبي ۽ خوبصورتي اها آهي، جو هن گهڻو ٺٽو عوامي ٻوليءَ کي اظهار جو وسيلو بڻايو آهي. استاد بخاري، تخليقي سطح تي به ٻوليءَ جو گهڻو استعمال ڪيو آهي. ٻين وڏن شاعرن جيان استاد بخاري به شاعريءَ ۾ ٻن لغتن کي ڪتب ۾ آندو آهي. هڪ اصل يا درست ۽ ٻي غلط العام واري، جنهن کي اسين ٻوليءَ جو سماجي ۽ تهذيبي استعمال به چئي سگهون ٿا. مثال طور استاد بخاري لفظ ”يا حُسين“ کي اصلي صورت بجاءِ غلط العام يا عوامي لب لهجي ۾ ”يانحسي“ طور ڪم آندو آهي.

استاد بخاري جي شاعريءَ جي ترتيب ڏنل هن لُغت ۾ اصطلاحن، فقرن يا لفظن جون جيڪي معنائون درج ڪيون ويون آهن، انهن سان اختلاف ٻهه، تي سگهن ٿا. هيءُ ڪم حتمي نه پر شروعاتي سمجهڻ کپي، ڇاڪاڻ ته استاد بخاريءَ جهڙن وڏن شاعرن جي شاعريءَ ۽ ٻوليءَ تي هن سلسلي ۾ ڪم ڪرڻ جي گنجائش سدائين رهندي. مون کي اميد آهي ته منهنجو هي پورهيو رائگان نه ويندو.

15 اپريل، 2009ع
گورنمينٽ ڪاليج جوهي

**عزيز ڪنگراڻي**

پنڌڪندڙ جوڳي. بي وطن. رولاڪ.

"آهيان آبيسي، آديسي اوڇي نہ ڇئو"

**آرُ ج آرَ:** ذ. وهڪرو تيز وهڪري جي ڇڪ، لهر جي اُٿل پُٿل، جوش، جذبو تيزي، زور.

"ويروتار وَهان، اهڙو آر اچي ڪو"

**آرُ ج آرَ :** ذ.هن پار هِن پاسي،اورينءَ پرِ يا ڪناري.

"آءٌ ءِ آهُون آر لچون پيا،پريتم تڙپيا پار"

**آرُ ج آرَ :** ذ. پيار، هيج، تانگهہ، چاڳ. لاڙو آئو.

"دل خزان،چوٽي بهارن تي مرين؟
ويءَ تي ويران آر ايڏو نہ ڪر"

**آرزُو:** اُميد، تمنا

"آڏو رهبر آرزو پويان رهزن پٽ"

**آرنڀُ ج آرنڀَ:** ذ. مُنڍ، شروعات، مُهاڳ، اول.

"آرنڀ رب الک، جنهن جي لک نہ ليک"

**آرو ج آرا:** ذ. ڪرٽ،وڍيندڙ.

"الا! عشق آرو ڪپي پوءِ بہ پيارو"

**آروهہ:** چاڙهہ، چوٽ، بلند، موسيقيءَ جو چاڙهہ وارو سُر، پيار پري لوڏ، جوش.[1]

"اُيرن تہ آروهہ، اُلهن تان امروهہ"

**آرهڙُ ج آرهڙَ:** ذ. اونهارو گرمي، توانائي.

"اجهل اعتماد، آرهڙ جو اوتر ٿئي"

"آرهڙ جهڙي آهہ سرديءَ کي ساڙي رکي"

**آريچو ج آريچا:** ذ.درياهہ جي هِن پر وارا، درياهہ جي اورئين پاسي وارا.

**آريچو پاريچو. ج آريچا پاريچا:** ذ. سنڌو درياهہ جي اورئين پاسي ۽ پرئين پاسي رهندڙ(سمورا سنڌ واسي).

"آريچا پاريچا پرچي، ڌرتيءَ جا پرپُور سهارا،
ڌوڌارا ڌونڌاڙي وجهندا"

**آڙنگُ ج آڙنگ:** ذ. اُب، گرمي، گهُٽ پُوسٽ، رُڳهہ.

"اُهميءَ ۾ اوتر، آڙنگ ۾ آگم جئين"

**آسارو. ج آسارا:** ذ. آسوند، اُجارا

"آساري اڌرات، اوسر جا احساس"

**آسارو:** ذ. پسارڪو وکر، دوا، علاج، خوش ڪندڙ.

"آسارو اڪسير،هڪ تِڪ هيجُ حبيب جو"[2]

**آسانگو ج آسانگا:** ذ. آسرو تعلق، ڳانڍاپو سهارو

"آهن آسانگا، يا، سارا سانگ رُسِي چُڪا؟"

**آس :** اُميد، تمنا

"آس اُجي استاد جي،رُج اچا رمندي"

**آس اُلڻ:** اصطلاح. اُميد جوڙڻ، پروسو ڪرڻ، اتساهہ جاڳائڻ.

"آس اُلڻ جو هينئڙو اهڙو ماهر آ.
ويني وينو بيني بينو اُلندو هان"

**آس وڏائڻ:** اصطلاح. اُميد يا پروسو ختم ڪرائڻ،تمنا ٽوڙائڻ.

" اميد آس وڏائي ڇڏيو اگر وڏجي"

---

[1]. **آروهي:** مٿيان سر. **امروهي:** هيٺيان سر

[2]. **آسارا:** آسارا، اُجارا،
اسارا اسارا، ڪينجهر جا ڪنارا (اياز)

چِئانتي، چاتڙي، درد/ ڏک جي باهہ.

".آلانپيون آڙاهہ پسين پوءِ پتو پوي"

**آمِي قاپِي ج آمِيُون قاپِيُون:** ث.(عورتن جا نالا، آمنہ ۽ فاطمہ) نتي جي ہن مظلوم عورتن جا ڪردار جيڪي عربن جي هَوس جو شڪار بڻيون، عام ڳوناٽيون، بيوس ڳوناٽيون، سِنڌ جون عام نياٽيون.

"شڪاري ٽا تاڙين آميون ۽ قاپيون، هي ڪينجهر ڪنارا نڌٽڪا نہ آهن"

**آنڊا وِڃڻ:** اصطلاح. سخت بک لڳڻ، بک جا چڪ لڳڻ.

"شاعر تنهنجون سڀ تشريحون ٽانڊا، وِڃن آنڊا، داد ڏيان ڪهڙا؟"

**آنڊو. ج آنڊا:** ذ. عضوو رت جو رشتو عزيز مت مائٽ.

"نڪي هُو تنهنجو هڏ ها، نڪي ها آنڊا"

**آنهَري ج. آنهَريُون:** ث. آرسي، آئينو مستقبل جي چاڻ ڏيندڙ اهڃاڻ، سڌ ڏيندڙ روشنيون.

"آهي ڪو آٽي، اڳي پوءِ جون آنهَريُون"

"اندر ۾ آهِينَ عجب جهڙيون آنهَريون"

**آئِـي:** اچ نہ! (اُتر سنڌ، شڪارپور وغيره علائقي ۾ ڪم ايندڙ "اچڻ" جو امري صيغو.

"عشق عقل آ! ني، سِرسلو سلجهاءِ هي"!

"چوڦير بهارون آيون، هاڻ تہ هليو آ ني"

**آوازُ جاڳائڻ:** اصطلاح. ماڻهن ۾ حق گهرڻ جو حوصلو پيدا ڪرڻ، حق گهرڻ جي همت پيدا ڪرڻ، آواز پيدا ڪرڻ.

"ڪيئن بہ ڪري پر آوازن کي جاڳايو
ماڻهن سان نہ تہ ڳلين سان ڳالهايو"

**آواندو (آوانڏو). ج آواندا:** ذ. ڳنڍيو بند، (اَڏَ ٻنڊيو). اَڏ جو آوانڏو لوڙهڻ، اَڏ جو پاٽي چورائڻ.

" جو تنهنجو آواندو ٿو لوڙهي سو رهزن، جو مهراڻ جو منهن ٿي موڙي اهو ڇا؟

**آهہ اُڏارڻ** اصطلاح. دانهن، ڪُوڪَ، فرياد ڪرڻ.

"پهتي نہ توڙ تائين، جا آهہ مون اڏاري"

**آهُن جو آڙاهہ ٿيڻ:** اصطلاح. سراپا احتجاج ٿيڻ، دانهن جو مچُ.

"پونءِ بخاري تي وئي آهُن جو آڙاهہ"

**آهوڙو. ج آهوڙا:** ذ. جنڊ آهوڙيندڙ پٽر ڦُڪيندڙ محنتڪش، انسان، ويڙهاڪ، انقلابي.

"مترڪا چيٽيون ڪٽي، اُتيا آهوڙا"

**آهيرو. ج آهيرا:** ذ. واهيرو آڪيرو بسيرو ٽاڪ.

"ائين آهيرو اُن جو منهنجي آس ۾"

**آيتن جي ڇانءَ ۾:** اصطلاح. مذهبي آڙ وٺڻ، ڌرمي سهارو وٺڻ

"هر زماني آيتن جي ڇانءَ ۾،
جو بہ ظالم سو ظلِ سبحاني ٿيو"

**اُبتو سُبتو:** ذ. اڳتي پٺتي [دودو نالي جا پد اڳتي پٺتي يا ڪابي ساڄي ڪري پڙهڻ سان بہ ساڳيو دودو ئي رهندو- پڙهبو].

”وينو ڪانگ تڪي، تڪي اُت عُقاب جي“

**اُتاٽڻ:** اصطلاح. دل ڪٽي ڇڏڻ، ڪنو ٿيڻ، مزو نہ اچڻ، چاهہ نڪري وڃڻ.

”اجل ڪيئن آجهل جيڪو ڪنهن ڪر روڪيو؟
آيو اُتاٽيو وجي، آوس آهہ اٽل“

**اَتـرُ.** نہ ترندڙ اٽموٽ، پڪو پختو.

”اٽئون عزم اتر، صاف ڪنداسين سيم کي“

**اَنسَنُو. ج اَنسَنا:** ذ. اٽڪل، نرڙڪ نڳي، تل.

”انقلاب انسنو متان سمجهين،
انقلاب انتظام سان ايندو آ“

**اُٽِي اُٽِيون:** ث. ڏاچي، اَبوجهہ نارِيءَ ڏانهن اشارو بي شعور عورت.

”سوچو ڪُونهان ڦندرون، اٽئون پٽ اُٽيون“

**اُٽيون اُٽَ:** ڏاچيون اُٽَ. بي سمجهہ عوام مرد عورتون.

”هي فيصلو هرڻ، گڊ، ڦاڙها، سها ڪندا،
ٻڪريون رڍون اُٽيون اُٺ، ڳايون ڍڳا ڪند“

**اَپچَرُ. ج. اَپچَرَ:** ذ. سهٽي يا سهٽو، خوبصورت، سهاجهڙو.

”متارا مزدور اپچر تو در آئيا“

**اُپڙڻ:** اصطلاح. وڌڻ ويجهڻ، اُسرڻ، ايرڻ.

”اُڪڙيو اُڪڙيو اُپڙيو اُپڙيو تيڪ ڏني آ
ڪنهن کي تاٽي؟“

**اَجيتُ. ج اَجِيتَ.** ذ. جنهن کي فتح ڪري نہ سگهجي، نا قابل فتح يا شڪست.

”اوت استاد تنهنجي امرت ڇو
جوت تر جي اجيت جهڙي آ“

**اَجيتو (اَجِيت). ج اَجيتا:** ذ.ناقابل فتح يا شڪست، جنهن کي کٽي يا هارائي نہ سگهجي، آڻ نہ مڃيندڙ.

”دودي دريا خان جو اَجيتو اولاد“

**اُجامر:** آبحيات، امرت، لازوال.

”اوتج اُجامر. اِتان ٿي ٿي اورتي“

**اَڄ ۾ ٽڙڳڻ:** اصطلاح: حال ۾ جاڪوڙڻ، وقت تي تدبير ڪرڻ.

”اڄ ۾ ٽڙڳون آنہ سنسا لاهہ سُپاڻ جا“

**اَڄ وَڄائڻ:** حال ملهائڻ، هلندڙ وقت ۾ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ جاڪوڙڻ.

”ڪُلهي لاٿم ڪالهہ کي، اُٿيو اڄ وَڄايان“

**اُڇهڻ:** نبرڻ، اُڪلجڻ، گذرڻ، ساپيان ٿيڻ.

”جيڪي اُڇهي اڄ، اوجيلا!
سيان ساپيان ٿئي نہ ٿئي“

**اُڇهندو. ج اُڇهندا:** ذ. اوندهہ ظلم ڏاڍ جو اُهڃاڻ، سُڇهندي جو ضد.

”اُڇهندو ڪيڏو انڌ ڪري تہ بہ.
سُڇهندو استاد آهي سُڄاڻ“

**اُچاٽُ. ج اُچاٽون:** ث. اُداس، نِراس، مايوس، بيقرار.

”جيڏا تاهہ جهان ۾، ايڏا چاهہ اُچاٽ“

**اَچال. ج اَچالون:** ذ. اڏنگي روش، خراب هلت، غلط رسم.

”اها چال اَچال، آهي آدجُڳاد جي“

**اِچڙي پِچڙي ج اِچڙيون پِچڙيون:** ث. ذري پُرزي، ننڍي کان ننڍي شيءِ.

”اِچڙي پِچڙي چِٽِين تہ سٽايان،
ٿوري ۾ نہ تہ کوڙ ڪتايان“

پڪار صدا، منٿ.

"يا خُدا اُستاد جي آرداس ٻُڌ"

**آرڳ. ج ارڳ:** ذ. عرق، ڳَرُ، رَس.

"اُن جي ارڳ اُمنگ سان ڌرتي رنگ رتي"

**اُرڙي ج اُرڙيون.** ث. بيماري، اهنج، آزار (ٻار کي منهن ۽ جسم تي داڻ داڻ ٿيڻ).

"گهمنديون گهتين ۾ وتن، اڻ روڪيون اُرڙيون"

**آرو. ج آرا.** ذ. نارَ جي چڪر جو ڏندو وارو لبيٽ، وڪڙ آڪيڙو.

"ٻار آيئہ چڪر جي آري روبرو"

**اڙد. ج اُڙدَ:** ذ. هشام، گهٽا، لشڪر، (ترڪي لفظ اڙد: لشڪر)

"ڪهي اڙد تي اڙد ڪڪرن جا آيا"

**آسِنڌي ج آسِنڌيِ:** ذ. غير سِنڌي، ڌاريو ٻيءَ ٻوليءَ وارو.

"آسِنڌي عورت سان نيٺ سدورو ٻاهر نِڪتو"

**آسوچ. ج آسوچون.** ث. نہ سوچ، ٻي سمجهي، ناسمجهي، ٻي ڏياني.

"وينا سوچ آسوچ ۾ تاڪ ڪري تاٽا"

**آسُور:** آسُر، باک، پرهہ ڦُٽي، روشني (انقلاب جي).

"آءَ وڏيون اڏرات کي، آيو جاڻ آسُور"

**آسُونهون. ج آسُونهان.** ذ. اڻ واقف، بي خبر.

"اونداهي اونداهہ پاڻ آسُونهان اڻ ڀُوان"

**آڪارت:** بيڪار، فضول، بي مقصد، اجايو.

"صالح صحت ساڻ ٿئي، فاضل ٿئي فرصت، ٻئي غنيمت، اڪارت اُجلين متان"

**اُڪاس. ج اُڪاسون:** ث. اُساٽ، تاس، اُڃ، اُڪير، اُڪنڊ، تانگهہ.

"ايڏي عشق اُڪاس ساري سونهن سهيڙيان"

"ڪنهن اڻ ڏٺي لقا جي لئہ استاد تي اُڪاس آهي"

**اُڪاڻ. ج اُڪاڻو:** ث. وسي پورو ٿيڻ. (تر ۾ مينهن وسي پورو ٿيندو آهي تہ چئبو آهي تہ اپ اوڪاڻو آهي). مينهن بند ٿيڻ، مڪمل ٿيڻ.

"ڪلهہ ريج، ٻج، اڄ لاب، گاهہ، واڻُ، ڪلهہ ديد هُئي ڪڪر ۾ اڄ اڪ اُڪاڻ ۾"

**اڪ جي تارِي هُجڻ:** اصطلاح. پورو هجڻ، خالي هجڻ، (آڪ جي تاري اندران پوري هوندي آهي).

"ڪيڪر خيرو مُرڪڻ موتيو اندر اڪ جي تاري"

**اُڪنڊيو. ج اُڪنڊيا:** ذ. اُڪير وارو سڪ وند.

"آءُ اُڪنڊيو بہ تدارڪ تي نہ سگهيو"

**اُڪي ج اُڪيون:** ث. يَڪي، لاڳيتي، مڪمل.

"اُڪِي ناهہ اوندهہ اُجالا بہ آهن"

**اُڪيهي ج اُڪيهيون:** ث. ٻوٽي جو قسم (جيڪا نشي آور ۽ زهريلي ٿيندي) زهر، وِهُ.

"سياڻي ۽ سچار سقراط کي،
اُڪيهي پياري چڙي پاڳلن"

**اڪرن کي اُوجارڻ:** اصطلاح. لفظن کي سنوارڻ، چٽي ڳالهہ چوڻ، لفظن جو مرتبو وڌائڻ.

"تاڪاٽا تچڪايان پيو ٿو
اڪرن کي اوجاريان پيو ٿو"

**آمرسُ ج امرسُون:** ٿ.انب جي رس، آبِ حياتِ
"امرت، امرس، سوم رس، هڙني اِهو هنڌ"

**امروهہ:** لاٽ، هيناهين، سُر يا لهر جي لاٽ.
"اُيرن تان آروهہ، اُلهن تان امروهہ"

**اُمڙُ ج اُمڙَ:** ذ. اُماڙي، شعلو اُلو.
"استاد اندَ ڏُنڌ کي ڏاڍا ڏنا اُمڙَ"

**اِمڪان ڏيڻ:** اُتساهہ ڏيڻ، آسرو وڏائڻ، انديشا ظاهر ڪرڻ، تي سگهڻ جهڙا اهڃاڻ ڏيکارڻ.
"انهي عشق امڪان اهڙا ڏنا،
بخاري مري پوءِ بہ جي تو سگهان.

**آمولُ ج آمولَ:** اَمُلهہ، قيمتي.
"تيئي تول آمول، عشق، عقل ۽ مان"

**اُمهائجڻ:** نڪر جي نئين ٿانوَ کي پاڻي سان پُسائڻ/ڪم آڻڻ، استعمال لائق بنائڻ.
"نڪور ٿانءُ تہ آهين اُمهائجي نہ وڃين"

**اُميدون ڳائڻ:** آسرا وڏائڻ، آرزو پکيڙڻ، اتساهہ وڌائڻ.
"استاد اميدون ڳايون، چوڦير بهارون آيون"

**اَناسرت:** ٻوڏڙو غشي، اوچتو اڻ سرت، اتفاقاً
"اَناسرت اڻ هُوند مان هُوند تي"

**آنانُ ج انانَ:** ذ. مست الست، ڏُوپار چريو آلُ، مدهوش.
"اُڪو عشق مهاچڙو اُڪو عشق انانُ"

**آنبُور:** اصطلاح: انبوري، هڪ قسم جو لوهي اوزار، چُيندڙ اوزار
"جي غاصب نظرون پالن تا
تن دوڏن لئہ انبُور تيون"

**آنت ڪال:** موت جو پوبون دَمُ، وڇون جُڳ، وڇون وقت.
"هيءُ آنت ڪال جو قِصو"

**آنڃَرُ ج آنڃَرَ:** ذ. تمام گهٽو بي انت، بي انداز مَٺو.
"متارا مزدور اپڃر تو در آيا،
تو در آيا انڃر آيا"

**اندر ڪاتيون هجڻ:** اصطلاح: اندر جهِير هجڻ، شديد تڪليف ۾ هجڻ.
اندر ڪاتيون ڪپ، ٻاهر اوتيان گيت پيو"

**انڌاري ج انڌاريون:** ٿ. اونده، اوندهہ واري جهڪ، ظلم جو دور.
"تاريخي انڌارين ۾ لاڏيون ڇڇوليون،
لڳاتار ٻوڏن ۾ ٻاگهيون ڇڇوليون"

**انڌو ج انڌا:** ذ. بي نُور بي سمجهہ، عقُل کان آري.
"اديون عشق انڌي، مون کي نُور نئون ڏنو"

**انڌو اُپ:** اونداهو آسمان، بي خبر آسمان، بي حس دنيا.
"آڌو انڌي اُپَ جي اک روئي اوريڪ"

**انڌيري کي آڳ لائڻ:** اصطلاح. روشني ڦهلائڻ، جهالت ۾ سُجاڳي ۽ شعُور آڻڻ.
"آڳ انڌيرن کي لاتائين. ستم پڇرن پيا،
زلزلو ظلمن ۾ آنڌائين، ڦهر لرزن پيا"

**انگاسُ ج انگاسَ:** ذ. مٿاهون، بلند، اوچو عَلَمُ
"انگاس ارادن ۾، شعرن جي ڦرين ۾، اعلان اجهل ڦرڪي"

**انگجڻ:** جُڙڻ، جُڙجڻ، ڳنڍجڻ، انگ انگ ملڻ اُپي ڪاني جو لڳڻ، زخمي ٿيڻ

"تِير ڇِنيڻ ٻه چوڙبن تا،
ونگجڻ انگجڻ سامهون"

**اُنگرڻ:** وَهَر ۾ ٻولڻ، گهُوڪڻ.

"ڳيرو ڳيرِيءَ آڏو اُنگري"

**انگڻ:** جوڙڻ، ڳنڍڻ، سلهاڙڻ.

"پنهنجي عشق اُمنگ کي آجاٽِيءَ سان انگ"

**انگُورَ ج انگُورَ:** ذ وڏي ڪشمش گونچ، گوش.

"تازا ڏاڙهون هٿ ۾، چپن تي انگور"

"انگوري انگي مُغي، سري جوتون سَر"

**اَنگهُه ج انگهَه.** ذ. ڪُتِ، زخم، گهاءُ، آزار، تڪليف.

"رهڙيو روح رڳون وڃن، اوڪا ڏُکن انگهه"

**انگهو ج انگها:** ذ. ڪُتِ، انگهدار ڪاني.

"اُمنگ توڙي آس، انگها بوکر ٻَنڊ جا"

**اِنگهُه.** ث. طوالت، اينگهه، ڊيگهه.

"ڏاها ڪرٽا ڏاڪٽيون، ڏاڪا اوڪا اِنگهه"

**اڻ پُوو ج اڻ پُوان:** ذ. اڻ پونئون، ڏاريو آسونهون، اڻ واقف، اَجاڻ.

"اونداهي - اونداهه، پاڻ اسونهان اڻ پوان"

**اڻ کِيلُ.** اگهو بيمار، بي مزي.

"عشق برابر بيماري پر، اُن بن آنءُ ٻنهه اڻ کِيل"

**اٽنگهُ ج اٽنگ:** ذ اٽانگا، ڏکيا، ارڏا.

"آمر کان مارُو گهٽا، ارڏا اٽنگ اهنڊ"

**آواهُه:** ذ. بي واهه، رستي يا واٽ، کان سواءِ، آواٽ.

"حيلا حال ڏسِي ڏکن، واهون پاڻ آواهه"

**آوَهاڳُ ج آوَهاڳ.** ذ. تمام گهڻو بي انت، حد کان وڌيڪ.

"اندر اج آوَهاڳ، چپن سُرڪ چڪِي"
"تانگهڻ، تڙپڻ، تاڻ، اوهاڳين اُڇلي ويا"

**اوٻڙ ج اوٻڙ:** ذ. گهٽ، گرمي، ڪاوڙ نفرت.

"ٻُچ زار کان مون آڳ جو ساگر اُڪريو
هي اُبَ ته برسات جو اوٻر آهي"

**اوٻارو ج اوٻارا:** ذ. اندر جي اورَ اندر جي ٻاهه، ڪاوڙ جو اظهار.

"اوٻارو ٿِيِي اور سٽن سيڻ سٽڻ ريءَ"

**اوپارو ج اوپارا:** ذ. مٿانهون، مٿي ايري ايندڙ مٿاهينءَ طرف.

"اوپارو طوفان اُٿي ۽ واهُڙ لهوارو"
"اُپـــڙان اولـــيان اوپـــارو"

**اوتارُ ج اوتارَ.** ذ.ڇوٽڪارو ڏيندڙ حاذق، ظلم کان ڇوٽڪارو ڏياريندڙ ترياق، هندن جي عقيدي موجب انساني جامي ۾ ايشور جو روپ، ديوتا.

"آٽيو ڪو اوتار بخاري،
تاڪي تاڪي توڙي سُور"

**اوٿارو ج اوٿارا:** ذ. ڊيڄڙو ڏيکارو ڊپ ڏياريندڙ سپنو.

"نازڪ نار ڏسي جيئن ننڊ ۾، اوجهڙ اوٿارو"

**اوٽرَ(1).** ج اوٽرَ: ذ. تمام تکو واءُ، طوفان، واڄ، ولولو.

"استاد اوٽر سامهان، ڊونڊا ٿي ڊوڙين"
"ليٿيو لوڪ لُڇي، اُٿيو اوٽر ناهه ڇو؟"

قاصد، نمائندو سفير.
"آئون لطيفي ايلچي تنهنجي مسڪن تي اچي
پنهنجي اکين سان اِهو بينو ڏسان،
موت هيئان ۾ تون آهين مٿان"
(انگريزي شاعر ڪيٽس سان مخاطب)
**اِيل ڪرڻ:** اصطلاح. هار مڃڻ، زاري
ڪرڻ، آڻ مڃڻ.

"عشق عقل جو بحث بخاري،
ڪو بہ ڪري ڇو ڪنهن جي اِيل"
**اِينڊو. ج اِينڊا.** ذ. دشمن، (سينڊو جو ضد).
"سَويرو سينڊو هوند لڪ لنگهي ويو
آويرو اينڊو سڙيو منهنجي سامهون"

## ب

**بابُ. ج بابَ:** ذ. حصو، ڀاڱو، قصو.
عشق رِيءَ استاد بيشڪ الف - بي،
برهہ ڪان پوءِ هُو بہ هڪڙو باب هو
**بارِي: ج بارِي:** ذ. ڳرو بار کڻندڙ.
"باري ڪان باري ڳمٽا، بانڪا پلو يل"
**بازار. ج بازارون:** ث. گهٽي، سَرِعام.
"بازارُن ۾ عشق ڪُٺو تي،
ديوارن ۾ حُسن لُڇو تي"
**بازر. ج بازرُون:** ث. گهٽي، دنيا، تخليق
جو جهانُ، دنيا جو ڪاروبار.
"بازر بند نہ ٿيٽي آ، ذات وَرائي ڏِٺي آ"
**بازُو بندوقون ڪرڻ:** ٻانهن کي ٻل وارو
ڪرڻ، هٿن ۾ هٿيار کڻڻ.
"بازُو بندوقون ڪيو ٻوليون سي گوليون،
ٽولين جون ٽوليون ڪڙڪي ڪوٽن تي پئو"
**بازيگر. ج. بازيگر:** تماشو ڪندڙ
مداري، نٽ، نوان نات ڪري نڇيندڙ.
"دلنگ ڏوڪيباز ونيِ ووٹ وڏو ٺٽيين،
هر ٻيري انداز . بازيگر تنهنجا نوان"

**باشو. ج باشا:** ذ. هڪ قسم جو شڪاري
پکي (بشين باز جي مادي)
"ڇڪر ۾ ڪو ڳيرو آهي ڇڪر ۾ ڪو باشو باز"
**باغُ. ج باغَ:** ذ. باغيچو، گلن ڦلن سان
جهنجهيل ڌرتي، ديس، سنڌ ڏانهن اشارو.
"هي باغ ٻئائي جو آهي"
"مگر پوءِ بہ باغن ۾ ٿُوهر ڏسون ٿا،
ڏسون ڇا ٿا آٽي هٿن سان هٿون ٿا"
**باغُ. ج باغَ:** ذ. گلن، ٻوٽن جي جاءِ،
سونهن، رونق، محبُوب.
"باغيچو تنهنجو بدن، بلبل دل جا ٻُل،
اهڙي مهل امُل، باغ بخاري جهول ۾"
**باغنامو. ج باغناما:** ذ. باغ جو بيان،
سندرتا جو اهڃاڻ.

"گلزار حُسن سامهون،
انگ انگ باغنامو.
پن پن کي مون پڙهيو هو"

**باغِي پڙڪائڻ:** اصطلاح. ظلم خلاف
ويڙهاڪ پيدا ڪرڻ.

"پيدي ٻڄي اوچتي،پُٽڪِي پئي پَيِئي"

**پٽرِ:** ٻوٽيءَ جو قسم. جيڪا سيلابي زمين تي اُپري، جنهن جا پيلا گل ٿين ٿا. ۽ ان مان اچوءِ ڳاڙهو ڪير جهڙو رس نڪري.

"پِٽرِ پيلا گل، سُرهي سَرهي،
ڪوتڪ ڪانڌيري بہ نہ ارهي"

**پُڄ ڏيڻ:** اصطلاح. پڄڻ مان متعدي بالواسط (ترڻ، سيڪڻ) سيڪ، ٿوَ يا تڪليف ڏيڻ.

"بخاريءَ کي برهہ جون باهيون ڏين پُڄ"

**پڏَرُ ج پڏَرَ:** ذ. هڏائون پيچرو سڪٽا هڏا.

"پڏر پانڊو پسمر تي،پنپ اونڌهہ تي،وڃي تنهن ڪان،
ڪڏهن ڏيلون ڪڏهن دلڙي ڪڏهن جيرو جلايون ٿا"

**پُرڙڻ:** اصطلاح. پُڄڻُ، ساڙي پچائڻ.

"تڙڪا ٿيا ٽوڙيءَ،بندُوقُن پُرڙي چڙِي"

**پرمائڻ:** وهم ۾ مبتلا ڪرڻ، ڊوهڻ.

"خيرپوراڻي ڪوهہ، پِرمايا ماٺهو گهڻا"

**پرمِي ج پرمِي:** وهمي،سنسائِي،ڊيڄو وسوسي ۾ پئي.

"چسو هانءَ چُلي،پرمِي هر بيمار جو"

**پرون ڏاٽا هُجڻ:** اصطلاح. گهائيندڙ پرون هجڻ، وٽندڙيا دلڪش پِرون هجڻ.

"نيڻ لاهيارا، پِرون ڏاٽا تِکا"

**پڙاس ج پڙاسُون:** گرمي، ڪاوڙ بُغض، حسد، ساڙ.

"ريل پاڻ پڙاس سان ڪوڪا ڪاٽا ڪر"

**پڙڳ:** صفت: سُڪل (ڪانيون).

"بنگلا هوندا پڙڳ برابر،پونگا ڪاتي پڙ"

**پڪَ ج پڪون:** ث. درياهہ جي پاڻي وقت ڪناري جي وڏي گولائين پڪ، جيڪا پاڻيءَ ۾ ڪري، ڪوهہ يا واهہ جو ڪرندڙ ڪپر.

"عشق اٿاريون چوهيون چوليون،
پيرون پيرون پِڪ"

**پُڪائڻ (سرائڪي):** زور سان هڻڻ، ڦهڪائي ڪيڻ.

"ميڪون تير پُڪيندا پيا هَئِين"

"اک والا تير پُڪا چا"

**پڳو توڙو ٿيڻ:** اصطلاح. پڳي توڙي (جبل جو نالو) جبل وانگر ٿيڻ، اٽل هجڻ.

"پُونءِ جا پُٽ ڪِٿ پڳو توڙو بہ ٿي"

**پنپي. ج پنپيون:** صفت. ڳاڙهي، لال گهاٽي ڳاڙهي.

"ميندي لاتي مُنڌ، پنپي هٿ پنيور ۾"

**پن:** ڦتل نشان، پراڻي شهر جا ڦتل آثار پگهل جايون.

"پليون پٽون پن،گهور باغ بهشت جا"

**پنيو پُور:** گهاٽو روشن، خوبصورت، چمڪندڙ.

"آرنپ رند آننت،آخر اينگهہ اگهُور،
باقي وڄ بڇيو سوبيشڪ پنيو پُور"

**پنيُوري ج پنيُوريون:** ث. هڪ اڏامندڙ جيت جو قسم (dragon fly)، مينهن جي رت ۾ نڪرندڙ سهڻو جيت.

"بعضي آئون پڪو پروانو
بعضي دل پنيُوريءَ وانگر"

## ت

**تاتاري ج تاتاري:** ذ. تاتار (ترڪستان) ملڪ جو رهاڪو غاصب، حملي آور.

"تربو تاتاري ڪُرڙين جيئن ڪٽاهه ۾"

**تاتاريت:** ث. تاتارين وارا عمل، جارحيت.

"جسم تي پاپائيت، آمرانا، رُوح
۾ تاتاريت وحشيپڻا"

**تاپولي ج تاپوليون:** ث. موسمي بخار تپ.

"تر ۾ تاپولي، سرءُ سيم سَڙهي وِڏي"

**تاچِرو ج تاچِرا:** ذ. اُچاترو سطحي.

"پيڙ نہ پٽن پاڙ تاڙن ملم تاچِرا"

**تار:** ث. سهارو آسرو.

**تار ترڻ:** اجهاڳ پاڻيءَ مان تري پار پوڻ، مشڪل پار ڪرڻ.

"اوندهہ عدم بحر ۾ تنهنجيءَ تار تران"

**تارا ڳهڻ:** اونداهي ڪرڻ، روشن گهر ڪرڻ.

"ڪڪريون حسين چلڪنا تارا ڳهڻ لڳيون"

**تاڙي:** کجِيءَ جو شراب، شراب لاءِ کجِيءَ جو رَسُ.

"کجيءَ ونجن ڪارڪون، تاڙن ڪي تاڙي"

**تازا ڏاڙهون:** ميوي جو نالو اُرهہ.

"تازا ڏاڙهون هٿ ۾ چپن تي انگور"

**تازو تُورُ ج تازا تُورَ:** ذ. نئون نسل، نئين ٽهي.

"تڙپي تازو تُور تہ ڪو نُور نئون مچي"

**تيمُور:** تيمورلنگ ڏي اشارو وقت جو جابِر ۽ غاصب، نئين دؤر جو اج جو ڊڪٽيٽر.

"تون تازو تيمور، عمر اڳ اسان ڏنا"

**تارون تار:** ڪنا تار بي حد، پرپور.

"تانگهون تارون تار،
جاچُڪ پنهنجي جيءُ ۾"

**تاريخ اُجهامڻ:** اصطلاح. تاريخ ميسارجڻ، قوم جي تاريخ خلاف عمل ٿيڻ.

"پرقوم تي وِڪامي، تاريخ ٿي اُجهامي،
ڪيڏو نہ حادثو آ"

**تاريخ ڪنجڻ:** اصطلاح. اتهاس بگڙڻ، تاريخ ختم ٿيڻ.

"ديوان ٿا ڇپجن پيا،
اشعار ٿا پڙهجن پيا،
تاريخ تہ ڪنجي پئي"

**تاريخ کي ڪارائڻ:** اصطلاح. تاريخي فرض پورو ڪرڻ، تاريخي عمل دوران قرباني ڏيڻ.

"تحريڪون نہ تہ تدبيرون نہ تہ تجويزون،
ڪجهہ تہ بکارين تاريخن کي ڪارايو"

**تاريخ کي ميندي لائڻ:** اصطلاح. قومي ڪارج ۾ شهادت ماڻڻ، تاريخي ڪاميابي حاصل ڪرڻ.

"ڪنهن تہ لپڪي تلوار سان لاٿون لڏيون،
ڪنهن تہ ميندي نئين تاريخ کي لاتي هوندي"

"وقت هجي روهيلو رڻ پٽ،
ڏينهن ضرور تہ ٿُوهر هوندا"

**ٿهَرُ:** ٽِڪاءُ، ٽانيڪو ٽيڪ، رڪجڻ.

"ڌهر ٿهر جو دنگ،
ڪنهن کي ڪل ڪِٿي ميان؟"

**ٿهمَرُ. ج ٿهمَرَ:** ذ. سڪون، آرام، صبر.

"خوشيون موجون جام، ٿهمر ٿام ڪٿي هئا؟"

**ٿيڙُ ج ٿيڙَ:** ذ. ٺُڏو ٿابو ضرب، ٿيلهو ڏِڪو ڏڪ

"ڏوهہ وڏا ڏيڍيءَ ٿيندا پر ڪنهن ٿيڙ سان"

## ٽ

**ٽاپرُو. ج ٽاپرُو:** ذ. زور يا پيڙون ڏيندڙ ننڍو گهٽ، غريب.

"ڪلڪ قادر جو لکيو ڪو ٽالپر ڪو ٽاپرُو"

**ٽاٽائِي. ج ٽاٽايُون:** ٿ. مضبوطي، خوشي، سڪون.

"ڪٿِي ٽاٽايون ٽوڙيون ٽاٽي،
ڪنهن جي پيڙا ڪو بہ نہ ڄاڻي"

**ٽارِي ٽارِي:** شاخ شاخ، انگ انگ، سنڌ سنڌ.

"تنهنجي باغ بدن جي، ٽاري ٽاري جيئي"

**ٽاڏ. ج ٽاڏُون:** ٿ. رنيون، پيٽ پرائي يا ڪاوڙ ۾ ڪيل ڍڳي جي رنڀ. کهرو ۽ تيز آواز.

"تيڙُو ڏين ٽاڏ،
ڍاوَن ڍورن جان مگر
آڏو ايندن پاڏ"

**ٽارِي. ج ٽاريون:** ٿ. ڏاري، شاخ، ٽار واهيرو.

"گولي ڪڙڪي، ڳيرو ٿُورو
موڳي ٽارِي جهُومي پئي ٿِي"

**ٽارين، ڪاٽ:** مرڪب لفظ ٽارين جي واڍي، ٽارين جي ڪٽائي.

"ڪيڏي ٽارين ڪاٽ ٿي ڪيڏي چوٽن چِل"

**ٽاڙهو ٽاڙهہ رُئڻ:** زارو قطار رُئڻ .اونڇگار ڏئي رُئڻ.

"ٽڏڙا ساهہ پريندي سهٽا، رُئندي ٽاڙهو ٽاڙهہ"

**ٽاڪاٽا:** غلطيون، سهوون

**ٽاڪاٽا ٽچڪائڻ:** اصطلاح. غلطيون درست ڪرڻ، هيڪ ختم ڪرڻ، همت

ٽاڪاٽا ٽچڪايان پيو ٿو
اکرن کي اوجاريان پيو ٿو

**ٽالپور:** قبيلو سنڌ جو حُڪمران گهراڻو وڏو امير.

"ڪلڪ قادر جو لکيو ڪو ٽالپر، ڪو ٽاپرو"

**ٽانڊو [1]. ج ٽانڊا:** ذ. ٻرندڙ اڱر،

**ٽانڊا اکين تي رکڻ:** اصطلاح: بي آرامي، لُچ پُچ، ساڙيندڙ انتظار.

"اکين تي رکي ويا، توکي رات ٽانڊا"

**ٽانڊو [2]. ج ٽانڊا:** ذ. باهہ، تو خوف، خطرو، مصيبت، موت جو ڊپ.

"ٽارِي نينهن نيائي جاٽي،
ٽانڊن ۾ ٽِڙ ماٽي جاٽي"

# پ

**پاٽي. ج پاٽيون:** ث. اَنُ جو ماڻُ (هڪڙي ٽوپي ۾ چار پاٽيون ٿين).

"بخاريءَ جي ٺهڪ ۾ پاٽيءَ جيڏا پُور"

**پاٽيءَ جيڏا پُور:** ججهيون پچارون، وڏيون سوچون.

**پاپائيت:** ث. Pope لفظ مان نڪتل، مُلائيت، فسطائيت، Popery عيسائين جي فرقي جي پادرين جي روش، آمريت وارو انداز.

"جسم تي پاپائيت آمرانا،
روح ۾ تاتاريت وحشيپڻا"

**پاپڙو:** پلڙو ٻير جي وڻ جي ڦري

"تارا اُڀ تي پاپڙا، رات سڄي روڙينَ"

**پاپڙي پڪڙڻ:** ڪن جي ٻوٽ پڪڙڻ، تنبيهه ڪرڻ.

"پڪڙيئين پاپڙي، ڳهيُم ڪائون پير آ"

**پاپي چنبا:** ويڙهاڪ هٿ، جهيڙيندڙ هٿ.

"ڀهڪن ٻاٻيها تہ چيا، هوڪارن چا هنج،
پالين ها "بابا" وڏا، پاپي چنبا پنج،

**پاچاري ج پاچاريون:** ث. ڪاٺ جو نهيل چونڪو جيڪا ڏاندن کي ڳچيءَ ۾ وجهي هر يا نار ۾ جوٽبو آهي، پانجاري، ڪنڌات، غلامي (اصطلاحي معنيٰ).

ڏوٽي ٿيا ڏاند، ڏاڍن پاچاريون وڌيون.

**پاچاريون پياريون ڪرڻ:** اصطلاح. غلامي قبول ڪرڻ، ڳٽ قبول ڪرڻ.

"ڦيٿا ڦتڪائين، پاچاريون پياريون ڪري"

**پاچاري وِجهڻ:** اصطلاح ڳچيءَ ۾ ڳٽ وجهڻ، محڪوم بنائڻ، غلام بنائڻ

"ڏوٽي ٿيا ڏاند، ڏاڍن پاچاريون وڌيون"

**پاڏو پُٺِيءَ پُورڻ:** اصطلاح. مضبوط ٿيڻ، سگهارو ٿيڻ.

"ٿلهو ٿيءَ هنيان هڻج، پُور پُٺِيءَ پاڏو"

**پاراپو. ج پاراپا:** ذ. نياپو سنيهو پيغام، سَڏُ، طعنو.

"پاراپا آيا، پهچو پوءِ پريتڻو"

**پارانيو. ج پارانيا:** ذ. نياپو سنيهو ڏوراپو مهڻو پيغام.

"پنهنجا پارانيا، ڪيڙن پوڪن، سي ڪٽن"

**پارو جمڻ:** اصطلاح. خاموش ٿيڻ، چُپ ٿيڻ، خاموشي ڇانئجڻ، ماحول، سانت ٿيڻ

"مات تي ويٺين تہ پيو پارو ڄمِي"

**پاري جي پيالي ٿيڻ:** اصطلاح. لُڇندڙ يا تڙپندڙ هئڻ.

"پاري جي پيالي اٿئي دل استاد جي"

"ٻي چين بخاريءَ کي،
پاري جي پياليءَ کي،
تڙپائي نہ تيلي ڏي"

**پاريچو. ج پاريچا:** ذ. پار وارا، درياهہ جي ٻيءَ پر وارا.

"آريچا پاريچا پرچي، ڌرتي جا پرپور سهارا،
ڏوڏارا ڏونـــڏاڙي وجهـــندا"

**پوٽ:** پستڪ، ڪتاب.

"پنهنجي گهَري پيار جو وينو پوٽ پَٽي"

**پوپٽڙو. ج پَٽڙا:** رنگين سهڻو نازڪ اُڏامندڙ جيت، نرم احساس، رنگين خيال، سهڻي سوچ.

"تو طرز وتي ٻي ڪا، هر شعر ۾ پوپٽڙا"

**پوپو. ج پوپا:** ذ. ڇوسيل ڳنو خالي، سڪل پوزو ڪانو

"آ پيار ٻِنا ماڻهو پوپو"

**پورالو. ج پورالا:** ذ. پُورن وارو سودائِي، ريچڪ وارو بہ چِتيو.

"پريم تون پورالو چئہ چئہ"!

**پورُ. ج پورَ:** ذ. نشان، آثار، اهڃاڻ، نپو ڇاپو مُهر.

"تارا، ماڪ، ڪتُوري لاتيون،
عرشين فرشين تنهنجا پورَ"

**پُونجَهہ:** ث. پوءِ، پڇاڙي، آخر.

"ڪير پرُوڙي پُرجهي پُونجَهہ،
ڪنهن کي معلوم آهہ مُهاڳ"

**پُونگ:** ذ. ننڍا ٻچا، ڪچا پونگڙا.

"پرڙ بلائُن پُونگ وڌائِي،
چو تہ اچي تي اهڙي ڇَٽ"

**ٻُهہ:** ماڪ

**ٻُهہ پٽي:** ماڪ جي ڦڙي جيتري، ٻنهہ ٿوري.

"پنهنجي ٻُهہ پٽي سمجهيم سرس سموند کان"

**پُهتو ڪرڻ:** اصطلاح. سڏ ۾ سڏ ڏيڻ، ورنائڻ، پهتو پهتو جو آواز ڪرڻ، آيو آيو جو آواز ڪرڻ.

"ٻُڪان ڳُوڪان ڪيترو، پُهتو ڪئي نہ پُنهل"

**پَهَرَ:** ث. وانگي ماڻهو چٽو شخص.

**پَهَرُ. ج پَهَرَ:** ذ. وقت، ڏينهن جو چوٿون حصو ٽن ڪلاڪن جو عرصو.

"پگهر پگهر منهن پَهَر پَهَر جو"

**پَٽُن بارهن:** سَبَّ سٽائي.

"پيار آگهامي پوءِ پَٽُن بارهن"

**پئينڊُ. ج پئينڊَ:** ذ. پيڪڙ، ڏاوڻ، ونگہ

"پهہ کي روڪ نہ پئينڊ جي،
ڳهَہ کي کهڙي ڳٽُ"

**پيار پاڙهڻ:** اصطلاح. پابوهہ جي پرچار ڪرڻ، محبت ونڊڻ.

**پِيلاڻ پڙهڻ:** اصطلاح مايوسي معلوم ڪرڻ، ڏک سور محسوس ڪرڻ.

"جو پن پن جي پِيلاڻ پڙهي، سو منهنجو ادوا!"

**پيلهُون. ج پِيلهُون (سرائڪي):** ذ. پيرُون (ڄار جو ميوو).

"ڪاڇي جا پِيلهُون مِنا، ماڻهو پڻ منڙا"!

**پِينگهہ. ج پِينگهُون:** ث. جهُولو (انڊلٺ ڏانهن اشارو)، انڊلٺ.

"پينگهہ ڳگن تي، ڳج بدن تي،
ڪنوڻ ڪنوي پئي ڪِلَ!"

# ج

**جاچڪُ:** ذ. صفت جَاجڪ رڳندڙ ڳائڻو منگتو /چنگ/سرندو وڄائيندڙ

"تانگهُون تارون تار جاچُڪ تنهنجي جيءُ ۾"

**جارُ:** ذ. جل، ساڙ كام، ذڪ، فڪر، عشق، شوق، جُستجُو جوش.

"اوتي آتشدان مان،جامن ۾روجهہ جار"

"جوهر جار پساءِ،لوهر پوءِ چواءِ تون"

**جارُ:** ذڪ، فڪر، جلَ، ساڙ كام.

"سڄي اڏ صدي،جاليان ها ڪيئن جار ري"

**جاڙيُون ٽڪريُون:** ٻِٽيُون پهاڙيُون، (اُرهَن ڏي اشارو)، اُرهہ.

"تنهنجو سِينو جاڙيون ٽڪريُون،
منهنجون نظرُون ڪاريُون ڪڪريُون"

**جاڳ.** ج **جاڳُون:** ث. سُجاڳي، بي آرامي، لُڇ پُڇ.

"ها باغ بہ جاڳي تو ۽ داغ بہ جاڳي تو
پر جاڳ گهٽي ڪنهن ۾"!

**جاڳ جَلڻ:** سُجاڳي اچڻ، بيداري پيڙڪڻ سُرت اچڻ.

"ڪنهن ريت ڪنن ۾ جاڳ جلي،
شل آڳ لڳي ڪا غزلن ڪي"

**جاڳ جو راڳ ڳائڻ:** اصطلاح. سجاڳيءَ جي پرچار ڪرڻ، سُجاڳ ڪرڻ.

"اچو جاڳ جو راڳ استاد ڳايون،
نشا نند وارا نياڳا نياڳا"

**جانيو.** ج **جانيا:** ذ. ڍنگر، سُڪل ڍنگريون

"جوين جوين گڏجي جهُومن
جوان پرن چو جانا"!

**جانا پرڻ:** نيزاري ڪرڻ، مٺ ڪرڻ، پشيمان ٿيڻ، نڪ تي آڱر رکي پڇتائڻ.

جوين جوين گڏجي جهُومن جوان پرن چو جانا

**جَبرو.** ج **جَبرا:** ذ. زبرو زور وارو سگهارو.

"ڳهيو ڳڙڪايو وجن،جبرا جناور"

**جتن:** جَتَ (جمع) سسئيءَ جا ڏير، سسئي جي

"جيڏيون جس جتن کي جتان وورڙ وَڏي"

**جتن جو جمالو:** ذ. عوامي راڳ، شاعري، جمالو (خاص عوامي راڳ). عوام جي خوشيءَ، خوشحاليءَ ۽ فتح جو راڳ، جمالو چون ٿا تہ جتن جو راڳ آهي.

قصيدا نہ چئجن وڏيرن وڏن جا،
جتن جو جمالو وڏو ڪارناموا

**جِڄَ.** ج **جِڄُون:** ث. مَچڏُو ڳڪَ. جِجا، پندُ، لالچي، حريص.

"منهن ڪارو موذي مري،تر ۾ جِڄَ نہ جاءِ"

**جِجائُو.** ج **جِجائُو:** خيالي خوفناڪ شيءِ ٻائُو الائو ٻلائُو .

"ٻاٽ ٻجائي ٻائُو ٻائُو جام جِجائُو وهمن وارا"

**جُڄَ.** ج **جُڄَ:** ذ ڪاڄ، شاديءَ جي مجلس، ڏڄ(ڪاڏي جو).

"سمجهُون سمو سڄ، رهندو جُڄ جهانُ جو"

**جِدت شُعارُ.** ج **جدت شُعارَ:** ذ. نواڻ وارو

جدت جو شعور رکندڙ جدت وارو. جدت جو مظهر.

"شهريت جي نقش ۾ جدت شُعار
ارتقا جو ان سمي جو شاهڪار"

**جَڏو ج جَڏا:** ذ. ڪمزور، معزُور، وهم ۾ ورتل، ڊِنل.

**جذبن جون تاڙيون وڄڻ:** اصطلاح. جذبن جو جهُومڻ، خوشي ملڻ.

"جذبن جون وڳيون تاڙيون،
جهُومڻ جون جهُليون جهاڙيون،
ڏک درد اُڏامــي ويـــا."

**جذبو اُڀرڻ:** اصطلاح. جذبن کي ملائڻ، احساس کي.

"تنهنجو جلوو پنهنجو جذبو اُڀندو هان"

**جذبو پانگ هُجڻ:** اصطلاح. جذبو سڪڻ، جذبو ختم ٿيڻ.

"بعضي جذبا پانگ بعضي جوش جُهار"

**جذبو پڙهڻ:** اصطلاح. اِحساس پرکڻ، جذبا لکڻ، سوچون سمجهڻ.

"مون کي ڏيو منڏيئڙو مون ۾ رکيوئي ڇاهي
ڪنهن جا جوان جيئرا جذبا تہ ڪو پڙهي"

**جذبو جهولِيءَ پائڻ:** اصطلاح: جذبن/ احساسن کي اندر ۾ سمائڻ.

"نِرت، نظاري ۾ ڇو وِيرِي،
جلوا جذبا جهولِيءَ پاءِ"

**جَرجَلو ج جَرجَلا:** زلزلو ماتم، ملهالو.

"جيون تنهنجا جرجلا جُوالا، جَنجار"

**جَر ڇَر:** باهہ پاڻي، گرمي سردي، ڏک سک، غمي خوشي.

"تون منهنجي جر، ڇر جو جاڻُو
توکي ڏيان ڪهڙا تفصيل"

**جَرڪَ ج جَرڪُون:** ث. چمڪ، تجلو سُونهن، رونق، خوبصورتي.

"جرڪ جتي ڪا برک بخاري،
تڙم تِتي ئي ٿيندا آهيون"

**جَرڪارُ: جَرڪارَ:** ذ. تجلو چمڪار.

"ها نُورِيءَ جو جرڪار هن سان،
سونيتيءَ جو سينگار هن سان"

**جر ۾ ٿُربت جُڙڻ:** اصطلاح. بي فائدو عمل ڪرڻ، اجائي ڪوشش ڪرڻ.

آس نہ ڳوڙهن ۾ ٻُڏڻ ڏي،
جر ۾ جُڙندي ٿُربت ڪهڙي؟"

**جَرِي:** جواني، ڇوڙ، جوان، بهادر سگهارو زور وارو جوان.

"مئخانو ماڻي،هاڻي جوان جَرِي هليا"

"ڪاڇيلا پائر پلا،جوڙا جوان جَرِي"

**جُڙتُو:** هتراڏو، جڙتو خليفو: هتراڏو خليفو (انسان، خدا جو نائب يا خليفو آهي، پر هتي جڙتو خليفو ڪميڻن شخصن ڏانهن اشارو آهي).

"ڏوڙ جــو ڪـهــڙو دلـيـــل،
فرش تي جُڙتُو خليفو خود خسِيس،
خـــود غـــرض ظالم ذليـل"

**جَفاوَرُ ج جَفاوَرَ:** ستمگر،ظالم،پاپي.

"ڳهيو ڳڙڪايو ويجن،جَبرا جفاور"

**جُکَ:** ث. تڪليف،درد،ڏک،ڏولاوو.

"جِيٽي ڏاڻي جٽ بہ جڪائي،
سُور تہ سڀ جو ساھ لُڄائي جُڪ جيٽي ڪيٽي"

**جَڳت اُجارڻ:** اصطلاح. دنيا اُجارڻ، ڏرتي سنوارڻ.

"نڪٽ نهاري، جڳت اُجاري،
الڳ الڳ دڳ نظر نظر جو"

**جُڳ:** زمانو دور، جڳ جڳ جهول: زمانا جهوليءَ ۾.

"جُڳ جُڳ منهنجا جهول ڪائناتون ڪشڪول
آءُ وس وارو آءُ ويچارو"

**جُڳن جي گُفتگُو:** اصطلاح. صدين جي ڳالھ، زمانن جو گفتگو.

"گيت ۾ گونجي جُڳن جي گفتگو"

**جَل:** جر، پاڻي، شراب.

"مُرڪي مهمانن کي، جرڪي پيارين جَلَ"

**جَلَ:** ذ. سڪر ءِ پيچ، اوپر، پڙاس.

"جي تو دل جا جَلَ بُخاري پڙڪي ڪيان"

**جلوو اُٿڻ:** اصطلاح. سونهن پيدا ڪرڻ، خوبصورتي اٿڻ.

"تنهنجو جلوو، پنهنجو جذبو اُٿندو هان"

**جَمالا لڏڻ:** اصطلاح. خوشيون ختم ٿيڻ، روايتون ختم ٿيڻ.

"ماڳ مان ميڙا جمالا ويا لڏي"

**جَمُ. ج جَمَ:** ذ. جمدوت (موت جو ديوتا)، ملڪ الموت، موت، اجلُ.

**جَمُ کي جَمُ ڏيڻ:** اصطلاح. موت کي مارڻ.

"جيئندو جيڪو جيئڙو جَم کي ڏيندو جَم"

**جَمدُوتُ:** موت جو فرشتو موت جو ديوتا، ڪال ديوتا.

"جاني تئي جمدُوت، ڪيي ڪاتي ڪُڪ مان"

**جُملن ۾ جان وِجھڻُ:** اصطلاح. ستن ۾ سگھہ سمائڻ لفظن ۾ سگھہ پرڻ.

"تو لاش جياريان لفظن جا،
مان جان وجهان تو جملن ۾"

**جَمَنُ. ج جَمَنُ:** ذ. جست، پتلُ يا اسٽيل جو وَٽو پُڪُ، ڪشتو.

"جهَلي هٿ جَمنُ، اُٿيو خيال خام ڏي"

**جَناوَرُ. ج جناوَرَ:** ذ. جانور. ظالم، سفاڪ، وحشي.

"ڦتن ڦاڙن پاڻ کي، جهنگلِي جَناور"

**جَنَتُ ج جَنَتُون:** بهشت، (خوشحال سنڌ/ دنيا ڏانهن اشارو).

"وحشت ءِ دهشت، جنت ۾ پکڙي پئي،
ڪاري قيامت، هتي حشر ٿي ويو"
"ڦهر ٿيو جنت متان دوزخ ڪريو
هيروشما ناگا ساڪي ڏي ڏسو"

**جَنت ٽچڪڻ:** اصطلاح. بهشت اُجڙڻ، خوشحالي ختم ٿيڻ، رونق برباد ٿيڻ.

"متان سڀ جنتون ٽچڪي جهنم ٿين،
هُجو شاهد مُئا جيئرا نہ ٿو پڙڪان"

**جَنجارُ. ج جَنجارَ:** ذ. جنجال آزار، اهنج.

"جوين تنهنجا جرجلا، جُوالا جَنجار"

**جَنڊ ۾ جَمڻ:** اصطلاح. آزارن ۾ پيدا ٿيڻ، غلاميءَ ۾ اک کولڻ.

"ڪنهن سان اوريان سُور،
جيڪو ڄائو جنڊ ۾"

**جَنبُو. ج جَنبُا:** ذ. تالو ڪُلف، ڪُنڍو.
”گهو گهائين ٿو گهمٽ، وِجهي جنبُا وات تي“
**جُنگ:** بهادر ويڙ. وڏو جنگ جهاز اميدون: وڏيون جهاز جيڏيون اميدون.
”جُنگ۔ جهاز اُميدون ايندون“
**جَنگاهہ ج جَنگاهہ:** ذ. جنگ جو ميدان، جنگ، جهيڙو وڏي ويڙهہ. وڏي لڙائي.
”جيون جي جنگاهہ سنگِينُن ۾ سوگهو ڪيو“
**جنگمُ. ج جنگمَ:** ذ. فقيرن جو ٽولو جيڪو ڪيڏانهن به ويندو آهي، گهنڊڻيون وڄائيندو رهندو آهي. محترڪ، چرندڙ.
”جنگم تي جمدُوت جَلن تا،
موت اڳيان ڪن مرد الوليون“
**جُنگ:** ج وڏا (پيالا).
”پچي لال ٿين جُنگ جُو نگا جڏهن،
تڏهن سُرخ سهٽن چپن سان لڳن“
**جُوارِ:** ث. وڏي وِير يا لهر، اوپاڪ، اندر جي اُٿل.
”جڏهن ڪڏهن جُوار اکيون يار اُڪنديون“
**جوت اوتڻ:** اصطلاح. روشني/سگهہ ڏيڻ جلوا پرڻ.
”اوتي جوت اُستاد تي،جاني تنهنجي جوت“
**جوت پوکڻ:** اصطلاح. خوبصورتي پکيڙڻ، روشني/ شعور/ساجاهہ ڦهلائڻ.
”سرنهن جي کيتن کان پُڇ،
ٿو جوت پوکيندو وتان“
**جوت جنيڻ:** اصطلاح. روشنيون جهپڻ، خوبصورتيون کسڻ
”جوتون جنيپندو وڃي، پاڻي نہ پرجي بول“
**جوت جيارڻ:** اصطلاح. شعور اُجاگر ڪرڻ، سوچ جي روشني پکيڙڻ.
”جيئڙا جرڪن هينئڙا پاريو
جوت جياريو جيءُ جيارا“
**جوت جهمڻ:** اصطلاح. روشني کسڻ.
”سمجهُو ماري ست، وِڇان جوت جهَمتي ويا“
**جوت چٽڻ:** اصطلاح. سجاڳي ڦهلائڻ، شعور جي روشني پکيڙڻ
”جوت مون ڏاڍي چِٽي،اونداهہ جي پيٽن ۾ آ“
**جوت ڏيڻ:** اصطلاح. روشني ڏيڻ، شعور جو سُهائو ڏيڻ.
”پيلِي آهہ پَڌِي،جيڪا تي جوتُون ڏئي“
**جوت وندائڻ:** اصطلاح. سُڄاڳي ورڇڻ، روشني/ شعور ورهائڻ.
”ذات اسان جي جيتر جيئندي،
جيئندي جوت وندائڻ ڪارڻ“
**جوت.** گوڏو گوڏي جو متيون حصو جيڪو گود طور ڪم ايندو آهي. ويجهڙائي، قُربت، ساٿ.
”اوتي جوت اُستاد تي، جاني تنهنجي جوت“
**جوپُ. ج جوپَ:** ذ. مضبوط سگهارو ٻلوان.
”هٽي پيار مُهُرون، ڪريو مون کي قابُو
پلي محب مون تي جڙيو جوپ جادو“
**جُوجڪي ميڙڻ:** اصطلاح. ريچڪ پور، موج جولان گڏ ڪرڻ، موج ميڙڻ

"سمنڊ کان ڇوليون ڇني ڏهرن کي ڏٺي،
اهڙي سياڻي جُوجڪي ميڙيان تو پيو"

**جُوڌُ:** تڪڙ، جلدي، درياه دلي، بخشش، سخاوت.

"جُود ڪري جاڳون، ونون واڳون وقت جون"

**جوڙ پَڏڻ:** اصطلاح. ڳنڍڻ، سميٽڻ، ملائڻ.

"او دوست اُداسايون ڪنيو ڪوڙ وتان تو،
ڏاري ٿيون وجهن هاڻ جڏهن جوڙ پَڏان تو"

**جوش جاري رکڻ:** اصطلاح. جذبو قائم رکڻ، ولولو دائم رکڻ.

"جا وِک وڌي جڻ لال لڏي،
هي جوش بہ جاري رکٹو آ"

**جوش جرڪڻ:** اصطلاح. جذبا جرڪڻ، احساس اُجرا ٿيڻ.

"عشق اعظم جي پاسي ۾ استاد جا،
هوش روشن ٿيا جوش جرڪي پيا"

**جوش جُهار هُجڻ:** اصطلاح. جوش، وڏڻ، جذبن ۾ چاڙهہ اچڻ.

"بعضي جذبا پانگ، بعضي جوش جُهار"

**جوڳَ. ج جوڳون:** ث. نار يا هُرلي ۾ اُٺ يا ڏاند بہ پهر وهڻ، وقت، مهل، گهڙي

"جوڳ تنهنجي ڄُٽي، موڪ ٺُڪڃي ٽُٽي"
"ساڳيا پڙَ پر جوڳون مَتجن"

**جوڳون جوٽڻ:** اصطلاح. نار يا هُرلي ۾ ڏاند جو جوتجڻ، ڪوشش ۾ جُنبي وڃڻ، محنت ڪرڻ).

"چاهت وارا چشما ڪوٺي جيوت واريون جوگون جوتي
پئندو امرت آهيان پيارا پورهيت آهيان"

**جوڳي [1]. ج جوڳِي:** ذ. مُرلي وڄائيندڙ سيلاني فقير (هتي مراد: اڳواڻ، رهبر)

"موڳيون مُرليون جوڳي ڇٽ،
ڳِلِي ڳِلِي کي سوگها ڳِٽ".

"يڪتاري جي ٽُڻ ٽُڻ تي، ماٺهو ٿي ويا ميڙ،
او جوڳي جهٽ ڪر ڇيڙُون ڇيڙ"

**جوڙ جوڙڻ:** اصطلاح. تقدير جوڙڻ، زيب زينت وڌائڻ، سنوارڻ.

"پيچ پٽائي پيچ قلندر جوڙيو سنڌ جي جوڙ"

**جول:** جاپانُ، ويتنام ۽ لبنانُ جو مُخفف. (ج-و-ل)

"ڏٺا ڏيهَن جول ۾ ڊوها تنهنجا ڊول"

**جُوسُ. ج جُوسَ:** ذ. رس، عرق، ارڳ، شراب.

فردوسِي ۽ طوس،
وسريو يار خيام پيو.
جاني جيون جُوس.

**جُونگو. ج جُونگا:** ذ. جُنگرُو پيالو ڪُپو.

"ڪينجهر ڪپ تي پن جي جهُوپي،
هٿ ۾ جُونگو ڪڇ ۾ گهُوگهِي"

**جُوٽي. ج جُوٽيون:** ث. جُوڻ، پُنر جنم، ٻيو جنم.

"جي جزا جا آسرا: جيوتون جُوٽيون نيُون"

**جوهَرُ. ج جوهَرَ:** ذ. اصُل، جوت، سگهہ، ستُ، نچوڙ تخيُل جي اُڏام.

"وينجهر وڍياوانُ قدر جوهرُ جو ڪندا"

**جُوهہ:** نظر، تاڙ گهري نظر.

"جهَلي ويهو جُوهہ سان گهڙِيءَ گهڙِيءَ جو گهَٽَ"

**جُوءِ جيارو. ج جُوءِ جيارا:** ذ. ڌرتي

جياريندڙ ديس بچائيندڙ.

”جيئڙا جر ڪن، هينئڙا ٻريو
جوت جياريو جُوءِ جيارا“

**جُهد جهاز ٽيڻ:** اصطلاح. ڪوشش تيز ٽيڻ، وڌو ولولو پيدا ٽيڻ.

”تان پوءِ تيز ترون، جان ڪو جُهد جهاز ٽئي“

**جُهد نامو. جُهد ناما:** ذ. جدوجهد جو بيان، ڪوششن جو داستان.

”جُهد نامو جنگ نامو شاعري
شاهہ قاسِم جو ڪيڏارو شاعري“

**جِيلُ ج جِيلُون:** لوهي ٻيڙي جيڪا ڳچيءَ ڪان پيرن تائين پيل هُجي، ڏنڊا ٻيڙي.

”اُتي جي استاد پيا، جهوري وجهندا جِيل“

**جِيٽو ج جِيٽا:** ذ. ساڄو ساڄي پاسي وارو.

”محفل سارِي گهُورن گهيري،
ڏهڪن ڏاوا، جهرڪن جِيٽا“

**جِيون جَڙُون:** زندگي جون پاڙون، جيون جو جڙون.

”سُونهن سچائُون پال پلائُون،
جاني جيون جَڙُون جَڙُون“

**جيون جُونجهارو ڪرڻُ:** اصطلاح. حياتي جُهد مسلسل ۾ گهارڻ، زندگي جاکوڙ ۾ گُذارڻ.

”او جُوءِ! مون جيون، تو لئہ جُونجهارو ڪيو“

**جيئڻ جو جام چکڻ:** اصطلاح. امرت چکڻ، لازوال ڪم وسيلي امرتا ماڻڻ.

”موت جي پيالي کان اڳ جيئڙا،
جام جيئڻ جو چَکَ“

## ڄ

**ڄاٽي ج ڄاٽيون:** ث. ڏياٽي، مشعل، روشني، سجاڳي، روشن خيالي، ساڄاهہ.

”ڄاٽيون ڪري ڄاڻ، اوندهہ اورانگهي هلو“

**ڄاٽيون ڪڍڻ:** اصطلاح. روشني ڦهلائڻ، سوچ وڌائڻ، سجاڳي ساڻ ڪرڻ.

”جهل جي اونداهہ ۾ تيلي هڻو
علم جون، ڄاڻ جون ڄاٽيون ڪڍو“

**ڄپي ج ڄپيون:** ث. آلانبي، ڇِٽاٽڙِي، اُماڙِي، روشني، سُجاڳي.

”ڄاٽيون، ڄپيون ۽ شعلا، اڌرات جي تقاضا“

**ڄَر ج ڄَرُون:** ث. باهہ، تَوُ، تپش.

”ڄَرِ ۾ ڄَمر ڄَرم، اوڇو ٽي اڇلين متان“

**ڄَر ڄايو ج ڄَر ڄايا:** ذ. باهہ جو ڄاول، جوشيلو سر ڦريو سورهيہ.

”پُهتا ڄر ڄايا، ساڄارا ٿيا سُرخرُو“

**ڄَر ڄَٽِي (ڄر ڄائِي) ج. ڄَر ڄَٽيون:** باهہ جي ڄائي، پُر جوش، ڇٽگيلِي، بهادر (عورت)

”جي ڏرتيءَ جي ڏيءَ آهي ۽ ڄَر ڄٽِي آ“

"جهاتي پاءِ جَهروڪ مان جُوءِ سڄي جَهرڪي"

**جُهڙ:** ڪڪر، بادل ڇانئجڻ واري حالت.

"ماتامن جي جُهڙ مان اُيري،
عزم عظيم جون عيدون ايندئون"

**جَهڙڪڻ:** ڏڪجڻ، ٿيلهجڻ، گهلجڻ، تڙپڻ، پڙڪڻ.

"هِن ڇَن ڇيرُون،هُن ڇَن ريهُون،
جُهومون يا جَهڙڪون"

**جهڙڻ:** ساڙڻ، لُوساڻجڻ.

"آجي سهج سِوا،هَوا هانءُ جَهڙيو ڇڏي"

**جُهڪ:** ث. هيڻانهين، جُهڪاءُ (جهڪڻ)

"جبل ٻيلا جُهڪ، سکيا ناهن سِندّ جا"

**جُهڪڻ:** اصطلاح، آڻ مڃڻ، غلامي قبول ڪرڻ، نيچو ٿيڻ.

"جُهرڻ ڪان استاد چئي ڪوجهو آهه جُهڪڻ"

**جُهمر:** ذ. جُهوم، جنبش، شور.

"جلوا جذبا جُهمر،تو مون ميل متو رکيو"

**جُهنجهار جُڙڻ:** جوڏا مِڙڻ، بهادر گڏ ٿيڻ

"متان گيدي ٿي مُڙو جُڙو سپ جُهنجهار"

**جهنجهڪ:** لرزش، جنبش.

"ڏرٽي ڏڪٽي ناهه هي جهجهڙ آهه جهنجهڪ"

**جهوٽڻ:** جهاتي پائڻ، نهارڻ، تيز نظر سان ڏسڻ.

"جاچڻ جراحن ڇڏيو جهوتيو وِجهن جهاڙ"

**جهوراٽا جهورڻ:** اصطلاح، ڳڻتيون، ڳارڻ.

"پور تہ پوريون هور بخاري جهوريون جهوراٽا"

**جهوڪ:** ٽاڪ، ٽاڪو شهيد شاهه عنايت شهيد جي تحريڪ جو مرڪز 'جهوڪ'.

"جڏهن جهوڪ جيئڻ جو جهنڊو کنيو
خداباد دهلي جو ڏنڊو کنيو"

**جُهون جُهون:** جِهرڪين جو آواز چُون چُون.

"ٻَڪِي باک بهار ٿئي،
جهرڪين جي جُهون جُهون"

**جهونڪو ج جهونڪا:** ذ. هوا جو جُهوٽو اصطلاحي معنيٰ: ٿوري هلچل، ٿورو تحرڪ.

"جهئونڪا طوفان بڻبا، هُو ڏس بڻجن پيا"

"خوشبوءِ توسان جهونڪو جهونڪو اُٿندو هان"

**جهوئڻ:** جوٽڻ، شُروع ڪرڻ،پيهَڻ.

"هاري لاب ڪري ڪئن نارِي جنڊ نہ جهوءِ"

**جِهيلَ:** ث. سُر جَهلائڻ،آواز ۾ آواز ملائڻ، هيٺين ڊار ۾ ڳائڻ، ڊيگهہ.

"ڪُوڪون روڪن حُڪم کي،
جَهلرايو جي جِهيلَ"

**جِهيڻ:** هلڪو سَنهو (تَپُ)، مَڇڏو بُخار.

"جهوراٽي جي جِهيڻ جهوريندي هوري رهي"

# چ

**چاتِ (چائِت):** ث. خصومت، ڪينو، حسد، ساڙ، چاوت.

"چيري ڦاڙي چاهہ کي، چرچا ڪري چات"

**چاتِي:** ڪَنئِي، قبول ڪئي، مَڃِي.

"بخاري جڏهن جا بہ ڳائِي پلائي،

چُمِي ڏيهہ چاتِي وڏي ڳالهہ آهي"

**چاڙهُو:** چڙهندڙ وڻ وغيره تي چڙهي چاڙهندڙ ماهر، چاڙهو.

"سنيالي سِيتل چڙهيو چاڙهُو چوٽ تي"

**چاقُون ج چاقُون:** ذ. ڪَپُ، وڍيندڙ ايذائيندڙ زخم ڏيندڙ اوزار.

"چاهہ چاقُون تي پوي پو ڇا ڪجي"

**چاڳُ ج چاڳَ:** ذ. ناز نخرو انگل، ماڻُو لاڏ، هيج.

"چاهت ڇهہ ڀهہ چاڳ، پنيت پڙڪا تي اُتيا"

**چاڳلِي ج چاڳليون:** ث. نخريلِي، انگلي، لاڏلي، چلولي.

"چوڻُن مٿان چوٽ، چڪائي تي چاڳلِي"

**چالِيهو، چالِيها:** ذ. چاليهن ڏينهن جو مدو، سخت هاڙهہ، اونهاري جي 40 ڏينهن سخت گرمي.

"چريو چاليهو سيني ساڙ لُکون لڳيون"

**چانڊُوڻو، چانڊُوڻا:** ذ. چانڊوڪِيءَ جو شُعاعُ، چنڊ جو ڪرڻو سونهن جو اهڃاڻُ.

"چانڊُوڻا چيتيان تہ چا، ڪڙيا جڻ ڪِي ڪَنَ"

**چاوَتَ:** حسد، بغض، ساڙ عداوت، دشمني، خُصومت، گلا، چغلي.

"چاهت چانڊوڪي ڪِڙِي چاوت جڻ چُوڙِي"

**چاوتبازُ:** چاوت ڪندڙ بغض رکندڙ ساڙولو عداوتي.

"چاهت چِهاڙِي، چاوتباز تِڙِي پوي"

**چاهارو:** چاهہ وارو عشق وارو پيار وارو.

"جيون جهنگ منجهاران گذري چاهارو چارو"

**چاهہ چاقُو تيڻ:** اصطلاح. پيار آزار ٻڄڻ، پيار وارو.

"چاهہ چاقُو تي پوي پوءِ ڇا ڪجي"

**چاءِ:** ذ. چاهہُ، پيار، عشق، محبت.

"چاهت چئج نہ ڇيڇڙو چوڏول آهي چاءِ"

**چترٽِي:** ڏاهي، هوشيار، چُتر، چِٽَن واري، خوبصورت.

"اِنهيءَ چِترٽِي نازنين نار جون،

ڪيتريون سُهٽيون آهن گُلابي اکيون"

**چِٽَ:** چَٽَ چُمر.

"چُهتِي چاهيم چِٽَ، ساري سُرت ڪُلِي وَئِي"

**چُٽڪِي ج چُٽڪيون:** ث. ذَرِي، ٽُڪِرِي، پُرزي.

"تَنُ جون چُٽڪيون اڄ، وتان تو گڏ ڪندو"

**چَپ چارڪرڻ:** اصطلاح. ٻن چِٽَن جا چار چپ ملڻ، چُمي ڏيڻ، پيار ڪرڻ.

"چَپ تين جي چار مصري مينهن وسي پون"

**چَپ ڪائڻ:** اصطلاح. چَپ چَڪڻ، جَڪَ

ڪائڻ، سڙڻ، پچرڻ.

"بيٺا ڪائن چَپ،ساڙولاِن ساڙِ"

**چَپن سان چُوندَڻ:** اصطلاح. مِنِيون ڏيڻ، چُميون ڏيڻ، پيار ڪرڻ.

"چو تو روڪين لال لبن کان،
پيو تو چُونديان جاني چَپن سان"

**چَپو چَپو:** هنڌ هنڌ. سَنڌ سَنڌ. عُضوو عُضوو.

تنهنجي بهار ساڪي آ،
۽ تار تار ساڪي آ،
گلشن سجو گهُميو آ مون،
پيرين گهُمان تہ گُستاخي،
سِڪ سان چمان تہ پو ساقي،
چپو چپو چميو آ مون.

**چَپوتو:** چپڙيل، ڪپڙي ٽڪر جيڪو پوتيءَ طور اوڍجي.

"چولو ڪانچ چپوتو انگڙا گرڪي گپ"

**چِچُ. ج چِچَ:** ذ. ڪمزور، هيٺو عاجز تمام مسڪين، نهايت غريب.

"مُنهن تہ ڏسو منچِر جو
چچريل بلڪل چِچَ اتس"

**چَرخو. ج چَرخا:** ذ ائٽ (سٽ ڪتڻ جو)، وڏو نار چڪر (قسمت جو)، چڪر زماني جو.

چُريو چَرخو پيو چَلي، ڪتيون ڪي آتِيون

**چَرڪو. ج چَرڪا:** ذ. چرو چيرڻ جو آواز چڪ.

"چا بدن شفاف چا غُندا غليظ،
چا بُبا حساس چا چَرڪا رذيل"

**چِرڪو. ج چِرڪا:** اويرو ديرسان، ڪُمهلو بيوقتو چِرڪڻ، آهستي آهستي چورڻ، هوريان هوريان هلڻ.

**چُرڪار:** ث. چُرپُر.

"چِرڪي چِرڪي چندپُٽي ويو تارن ۾ چُرڪار"

**چُڙ:** سخت تڪليف، آزار، جهوري، مرڻ جيئڻ جي وچ واري ڪيفيت، لاڳيتي بيماري

"الا ايڏي چُڙ ساجن ڪاڻ سهان پيو"

**چَسِي ڏيڻ:** اصطلاح هٿ ڏيڻ، خوشيءَ مان هٿ ڏيڻ، محبت وارو هٿ ملائڻ، ڪيڪارڻ.

"چاهہ استاد تو ڏئي چاهہ کي چَسِي"

**چَڪرُ. ج چَڪرَ:** ڦيرو گهيرو دائرو ڦيري، پنواٽي.

"چَڪر ۾ ڪو ڳيرو قاز چَڪر ۾ ڪو باشو باز"

**چِڪنارُ. ج چِڪنارَ:** ذ. چِڪَ وارو گُلن ڦُلن وارو چڪني وارو.

"رابيل گُل رئو پهري،
چِڪنار چولڙو پهري،
بنجي گُلاب ايندي آن"!

**چَڪن تي چڙهڻ:** اصطلاح. ٿانو نهڻ لاءِ چَڪ (گول چڪري) تي چڙهڻ. سَنوارجڻ، تيار ٿيڻ.

"نيپيا نوڪرن، ٻيا چَڪن تي چڙهن"

**چَمنُ. ج چَمنَ:** ذ. باغ (اصطلاحي معنيٰ: وطن، ديس).

"ڪئين سال جنهن کي خزان اُجاڙيو آهي،
چا نغما چوي اهڙي چمن جو شاعر"

**چنگيزي فرمانُ ڇَلائڻ:** ظالماڻا، حڪم ڏيڻ، چنگيز خان ظالم حڪمران وارا حڪم هلائڻ.

"ماٺهو ماٺهو تي ميڇرايان،
چنگيزي فرمان ڇَلايان"

**ڇَنَڻ:** ذ. چندَ، چند جهڙا، خوشبودار.

"جن جا نيڻ سجڻ،جن جا چاهه ڇَنڻ،
"تون ٻه اگڻ اڇ تن جي"

**چِندُ ج چِندَ:** ذ. خالص،اَصُل.نِجُ.

"ڇُونديو جو چِندُ،هوشُو ناڻون سو ٿئي"

**ڇَڙَ (ڇِڙَ):** ث. گهاٽي پوک جنهن جا تِيلا سنها ٿين، ايرائي، گهٽ اُپت واري

"چاهي ڪوبه نه ڇَڙ هيءَ پڻ هاريءَ ڪان پُڇو"

**ڇُوٽڻ:** جاچ ڪرڻ، تپاسڻ، پرکڻ، لهڻ.

"چاهه سَچو ڇُوٽڻ، پاٺهي گوک پياڪ جو"

**چوتڙُو ج چوتڙُو :** ڇُتيندڙ نشانيبازهٽ جو سِڌو.

"تڪي مارن تِير،ڇُتِن ڏُوران چوتڙُو"

**چوٽ چڪڻ:** زخم سهڻ، وار سهڻ.

**چوٽ ڪرڻ:** وار ڪرڻ، حملو ڪرڻ، زخم ڏيڻ.

"چوٽ ڪيائين، چوٽ چڪيائين"

**چوبَ:** گهاٽو ڳوڙهو صفا اُجرو.

"نڪري ڪير اچي منجهان، مکڻ چوب اچو"

**ڇُوجَ:** سَرهائي، سک، چاهه. خوشي.

**ڇُوجَ جون ڇڪيون رکڻ:** خوشيءَ، سرهائيءَ جا بنياد رکڻ.

"اُميد عزم چاهه ڇُوجَ جون ڇڪيون رکيم پرين"

**ڇُوڇي ج ڇُوڇيون:** ث. ڇُٿانتي، آلانبي، اُماڙي.

"چاهت چاندوڪي ڪڙي چاوت جڻ ڇُوڇي"

**چوڏاري چورڻ:** اصطلاح. هرطرف ڇُرپر پيدا ڪرڻ.

"آسُن واسيون هِيرُون ڏِيرُون، چوڏاري چورِينَ"

**چوڙڻ:** اصطلاح. هنڍائڻ، پائڻ، گُذارڻ، گهارڻ، گُذرڻ.

"ڪالهه ڪهاٽي ڪيڏي ڪوڙي،
تو ڇا ماٽي تو ڇا چوڙي"

**ڇُون پَڇُون:** چوبول،هُل،هُوڪ.

"ڇُون پَڇُون ڳوٺن ۾ آهي، هُوشرو شهرن ۾ آ"

**ڇُوڙَ ج ڇُوڙُو:** ذ. پکيءَ کي هيرائڻ لاءِ چوڳو.

"هُو هُيو جڻ ڇُوڙ،هُوءَ ڇُڳندي وئي"

**ڇهو ج ڇَها:** سنهو تلهڙ، ڇهبڪ.

"چيلهه تنهنجي بيٺ جا ڇيڙها ڇَها"

**ڇهه-ٻهه:** ٻهڪار، خوشي، مُرڪ، سرهائي.

"ڇهري تي ڇهه-ٻهه مَتِي،اندر هو اُلڪو"

**ڇُهنب چورڻ:** اصطلاح. ڳالهائڻ، ڪُڇَڻ، ڇَوڻ.

"ڇُهنبون چورن هُو ته مان سُورن کي سوريان"

**ڇَئوڏول چڙهڻ:** اصطلاح. چئن پينگهن واري ڦرٽيءَ تي چڙهڻ، خوشي ڪرڻ، راند ڪرڻ.

"ڪُوپو گهاٽي گهوتجي،
چئو ڏول آءٌ چڙهان؟"

**چئو ماڙ:** چؤ طبقو بنگلو چار ماڙ (اصطلاحي معنيٰ: بنگلن وارا)

"اوهان جي جُھوپڙين تي،
چؤطرف چٿو ماڙ جا جھارا"

**چيتو. ج چيتا:** يادگيري، حافظو سمجھ.

**چيتڻ:** ياد ڪرڻ، يادگيري ڪري چوڻ.

"چٽج چگٽيان چيتي،ڏاھا ڏاٿون ڏي"

**چيتاري چوڻ:** ياد ڪري چوڻ، چيتي / حافظي سان ڳالھ بيان ڪرڻ.

چيتاري چونڊياس (شاھ)

**چِيتو. ج چِيتا:** ذ. جانور جو ھڪ قِسم، (شينھن جي قسمن مان) پلنگ، چِٽن وارو شينھن جو قسم.

"بگھڙ تُڪرا، چِيتا ڳترا، ڏٽڪا جن وٽ ڏڙڻ،
تون بہ اگڙ اچ تن جي"

**چِيچڪو. ج چِيچڪا:** ذ. ٻيُر جو ٻجُ.

**چِيچڪا چٽڻ:** اصطلاح. ٻير جو ٻج چٽڻ، (اصطلاحي معنيٰ: نئون نسل تيار ڪرڻ).

"چِيائين تہ ٻيلا ڪٽيندا وتون تا،
چيم: چِيچڪن کي چٽيندا وتون تا"

**چِيڙھو. ج چِيڙھا:** مضبوط ڏاڍو پڪو نہ ٽُٽندڙ اڻ ٽُٽڪ.

"ڏاڍا چِيڙھا،تائين جِيت جھيڙا"

**چِيڪ: ج چِيڪُون:** ث. ڪِيھ، ڪُوڪ، رَڙ دانھن، چِيخ.

"چڪوراٽي چِيڪ، ڪير چُپائي چنڊ کي"

**چِيھاڙڻ:** پرزا پرزا ڪرڻ، ذرا ذرا ڪرڻ، ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ، چيھاڙ رڙ دانھن، ڪيھ.

"چاھت چِيھاڙي،چاوت باز ٽِڙي پوي"

"بُلبُلون چِيھاڙ دردي دانھن ڪوئل جي پُڪار"

**چِيھَ (چِينھا). ج چِيھُون:** وِج، ڪنوڻ.

"شوق نپايون تا يا شعلا،
چاھ چٿون يا چِيھُون"

**چِيھَ ج چِيھُون:** ث. ڪنوڻ. تجلِي، چمڪ، اُڀرندڙ سج يا چنڊ جي ڪِرڻِي.

"آڳھٽئون اُڳھڻ،چُميم چِيھ اکين سانِ"

# ڇ

**ڇاٽ. ج ڇاٽُون:** ث. ڦُوھار ڪرڻ ڪڻ.

"ڦُوڪون واءِ وِھات جون چِيتون ڇائي ڇات"

**ڇاتو. ج ڇاتا:** ذ. ووٽن ۾ پوڪيل (جوئر، ٻاجھري وغيره) گاھ طور پوکيل فصل، ڪمزور ڪندڙ اُسرڻ کان روڪيندڙ.

"دھشت گردي ديس ۾ جيئن ووٽن ۾ ڇاتو"

**ڇاپڙ. ج ڇاپڙُون:** ث. ڪاٺ جي ڏُڪي، سوٽي [ٻير ڇاٽڻ لاءِ ٻير جي وڻ کي ھٽجي].

"ڇو نہ ھن کي دوست
ڏُوٽن، ڇاپڙُون ڇوڪرھٽن"

**ڇاپٽھارُ. ج ڇاپٽھارَ:** ذ. نقش نگار پيدا ڪندڙ ڇاھيندڙ ڇاپ مھيا ڪندڙ.

"جنھن جو شاعر جنھن
جو ڇاپٽھار ئِي خُدا آھي"

**چيرون چيڙڻ:** خوشي ڪرڻ، نچڻ ڳائڻ.

"چو واچون تيڙين تو
تو ڪات متان ڪڙڪئي،
تہ بہ چيرون چيڙين تو"
"هي ڏاڍو آ، هي هيٺو آ،
هو پيٺو آ، هو تيٺو آ،
ڪر هيءَ ڏور ڏقيڙ او جوڳي،
جهٽ ڪر چيرون چيڙ"

**چيهَجڻ:** تڪجڻ، چيهون چيهون ٿيڻ.

"چلجين ڪلجين چيهجين چو نہ پُڇين چاڪاڻ"

# ح

**حادثو. ج حادثا:** ذ. واقعو سانحو.

"قوم تي وڪامي، تاريخ تي اُجهامي،
ڪيڏو نہ حادثو آ"!

**حاشيا پڙهڻ:** اصطلاح. اضافي چاڙ لهڻ، وضاحتون معلوم ڪرڻ.

"سيڪو سِتون ڏسيو تو معنيٰ سِڌي سلي،
ها پر حوال دل جا حاشيا تہ ڪو پڙهي"

**حَبسُ. ج حَبسَ:** ذ. انڌير، ظلم، ڏاڍ، وحشت، قيد.

"هيڏو حَبس همين ڪنئي ڪچ جو سوڪ سرير"
"پر مار نيم پاڳل، تهڪن تہ گرجا دهشت،
جُهومن تہ ٻوڙي وحشت، پڪڙن تہ ٿئي حَبس،
گهر گهر جو ساهہ گهُٽجي"

**حُجري جون ٽُوٽيون ڪوڙڻ:** معمولي ڪوشش ڪرڻ، ننڍا ڪم ڪرڻ.

"حُجري جون تا ٽُوٽيون ڪوڙيو
هوڏان عرش عظيم بہ اُڪڙي پيو آ"

**حَد. ج حَدُون:** ث. دنگ، چيڙو سيما، سرحد.

"اورنگزيبي حُڪم حدن ۾،
سرمد سِندَ سڏائين ها"

**حِسابُ. ج حِسابَ:** ذ. جن ڀُوت، وهم، ڊپ، خوف.

"هر گهر منجهہ حساب آ، هڏ هڏ آهہ جڏو"

**حَڪيمُ:** ذ. طبيب، ويج، وئد.

"جنهن ڏي جنهن ڏي چِتائي
ڏنو تي حَڪيمن تہ بيمار هو"

**حِڪمت. ج حِڪمتون:** ث. دانائي، سياڻپ، هوشياري، ڪاريگري

"ايئن فڪر فهمن ڪي حِڪمت ڪپي،
جيئن جانبازن ڪي غيرت ڪپي"

**حُور. ج حُورون:** ث. بهشت/جنت ۾ رهندڙ سهڻي عورت، پري، اپڇرا، گُجر.

"هيڏان گهُوري حُور هيڏان دوڏا دوزخي"

# خ

**خارُ. ج خارَ:** ذ. ڪندو سيلهه، رقيب، مخالف، ڪر.

"يار جي تعمير سان گڏ خار جي تخريب آ"

**خاشو. ج خاشا:** ذ. چڱو خاص.

"گدا، شاهه خاشا ۽ راشا هضم"

**خاص ڪوڪا:** خاص گهر، بنگلا يا سرڪاري بنگلا (rest house).

"خاص ڪوڪا ڇڏي لوڪ ۾ جي لِڪو"

**خاڪو. خاڪا:** ذ. شڪل صورت، نمونو.

"ڏني شاهدي سچ جي روشني،
تہ ڪو تنهنجي خاڪي ۾ ناهي خلل"

**خام:** ڪچو اڻ رتل.

منهنجو تن من لطيف سان شامل،
خام سمجهہ خيام سان هوندس.

**خُداباد:** ذ. دادو ضلعي جو قديم ڳوٺ، ڪلهوڙن جو پهريون تختگاهہ، ڪلهوڙاشاهي.

"جڏهن جهوڪ جيئڻ جو جهنڊو کنيو
خُداباد، دهليءَ هو ڏنڊو ڪنيو."

**خِزان. خزائون:** ث. پن ڇڻ رُت، بهار جو ضد.

"اُها بهار جي پهچي تہ پو خزان ناهي،
انهي بهار کان اڳ ۾ اُجاڙجي نہ وڃو"!

"ڪئين سال خزان جنهن کي اُجاڙيو آهي
ڇا نغما چوي اهڙي چمن جو شاعر"

**خزان تڙائڻ:** اُجاڙ موسم کي تڙائڻ، اصطلاحي معني، ڏاڍ، ظلم کي ختم ڪرائڻ.

"پڙهو گهُمايو خزان تڙايو
اسين اٿون پيا بهار بنجي"

**خزان کي ڪاٽڻ:** جبر کي جهورڻ، ڏکن جي موسم ختم ڪرڻ.

"ڪاٽ خزان کي پوک بهاري،
جرڪي بخاري جيئڻو آ"

**خُشڪا:** ذ. اوباريل چانور.

"مِلڻ ماکي کير ۾ کِلڻ خُشڪا، کنڊ"

**خَلاصِي. ج خَلاصي:** ذ. ناکئو اگواڻ.

"ماهيگير مڙئي مِڙو لاڙيچا لاسي سوچيو خلاصي"

**خِلا ڪيڙڻ:** اصطلاح. اجائي ڪوشش ڪرڻ.

"يانئڻ بولاتيون، ڪاڏيون خلا ڪيڙ ۾"

**خَنجر ٽيڻ:** ڪُهڻ لاءِ تياري ڪرڻ، قتل جو سعيو ڪرڻ.

"ڇپائين تہ خنجر ٽيندا وتون ٿا،
ڇيم پوءِ بہ شهپر وٽيندا وتون ٿا"

**خَنزيرُ. ج خنزيرَ:** ذ. سُوئر، مِرُون، خطرناڪ جانور، خنزير هوائون، خنزير جهڙيون خطرناڪ هوائون، نقصان ڪار هوائون.

"خُشڪ ٿڌين خنزير هوائن،
سُونهن سُگنڌ کي مُهلي ماريو"

**خريف:** ڦتي يا ساوڻيءَ جي رُت.

"رمزون سڀ ربيع ڪريان، خوبيون سڀ خريف"

رَتاوَن لُڙڪن واري اک، زخميل نظر.

”دِل ڪُنيءَ سان ڊِيد ارتِي،

تعزيت ڪهڙي ڪري“

**ڊِيد پرجڻ:** اک جو ڍِوُ ڪرڻ، نظر جو رَڇَڻ.

”استاد نہ ڊِيد پِري، دنيا مان دلبر مان“

**ڊِيد ڏڪجڻ:** نظر زخمي ٿيڻ، اک اٽڪڻ.

”ڊِيدون ڏڪبيون رهبيون آهن“

**ڊِيد ۾ درياهہ هجڻ:** اک ۾ تمام گهڻا لڙڪ هجڻ، زارو قطار ڳوڙها ڳڙڻ.

”اندر ۾ آڙاهہ ها، ڊِيد ۾ درياهہ ها“

**ڊِيد منجَر ٿيڻ:** اکين جا بند ڀڄڻ، بي انداز لُڙڪ لڙڻ.

”سوچ اوتر تي ٻوڙي پئي،

ڊِيد منجَر تي اٿلي پئي“

**ڻ:** اصطلاح. لڏو لاهڻ، کُپ کوڙي وهڻ.

”ڪاٽي ڪاٽي ديرو دمٽو عشق کي استاد آ“

**ديس اُبرڻ:** ملڪ پڇرڻ، عوام ۾ بغاوت اُڀرڻ، ملڪ ۾ اُٿل اچڻ.

”ديس اُبري تو ديڳڙي وانگي“

**ديس - داڙُو. ج ديس - داڙُو:** ذ. وطن جو وڪِيل، چوٽڪارو ڏيارينڌڙ.

”ديس - داڙو داد ووڙينڌڙ ادا“

**ديوَ:** ذ. ڀُوت، خطرناڪ راڪاس.

”شوق شهزادو سفر ۾، ديوَ ڪارو ڏُوِيدُو“

**ديوار. ج ڊِيوارون:** ث. ڪوٽ، حويليءَ، بند، قيد.

”ڊِيوارن ۾ حُسن لُڇيو ٿي“

**ڊِيوار تي لکڻ:** اصطلاح. ڳالهہ کي ڇِٽو ظاهر ڪرڻ، وقت جو آواز لکڻ.

”هر دانهن کي ديوار تي لکندو تو وڃان“

# ڏ

**ڏاتا:** وِهنتا.

”ڏرتي تنهنجي ڏُوڙ ۾ ڏُولهہ

ڏاتا ها، نيهي ناتا ها“

**ڏاڏَر. ج ڏاڏَر:** ث. تاڏر ڏٽو دلاسو چالبازي

”ڏوڏن جي ڏاڏر سمجهي سوچ ويچي جي“

ڏاڙ ڏُڙو. ج ڏاڙ ڏُڙا: ذ. رهزن، ڏاڙيل، ڦورو.

”ٻِيڙ پگهر جي ڏپ کان وڏندڙ ڏاڙ ڏڙن جي ڏپ“

**ڏاڳو. ج ڏاڳا:** ذ. تند، سڳو.

”ڏاڳو ڏاڳي کان جُدا ڪمزور آ، ڏاڳو ڏاڳي سان ملي تهندي ڪُڙهِي“

**ڏُڏڙ مان ڏاٽيون ڪرڻ:** اصطلاح. ڏُوڙ مان آناج، خزانو ڪرڻ.

”اِهو تنهنجو وس، ڏُڏڙ مان ڏاٽيون ڪرين“

**ڏرتِ:** ث. ڌرتي.

”مان ميجان ٿو ڏرت سان گڏ پيو ڏُڏان“

**ڏڪ پرسٽ. ج ڏڪپرسٽ:** ذ. دهشت ۽ وحشت جو حامي، ڦورُو رهزن.

## ڏ

**ڏارا ڏارڻ:** اصطلاح. ڏارن تي يقين رکڻ وهمن تي پاڙڻ، ٽوٽڻ ڦيٽڻ تي ويساهه ڪرڻ.

"ڇا تون ڄُهد جتن ڇڏي، ڏارا ڏاريندين"

**ڏارَ. ج ڏارُون:** ث. ريت، خصلت، آسرُ، ڏر.

"دلداريون دارُون، ڏولڻ جون ڏارُون،
سرتيون سُور سڙي ويا"

**ڏانپيل:** ڍڪيل، سانڍيل، لڪايل.

"ڇُنري تي ڪنول ڇاپيل چولي ۾ پيهڻ ڏانپيل"

**ڏانڊُ. ج ڏانڊَ:** ذ. ٻاهه جو وڏو مچُ، آڙاهه.

"ڍِڍِر سانڍي ڏانڊ ڪنول ساموهن ڪيئن ٽيان"

**ڏانڊو. ج ڏانڊا:** ذ. ڏاند، ڍڳو ڍور (ڏانڊا ڍور)

"وهڙا، ڏانڊا ڳاڙها تارا، واڇون جهڳ تيرا"

**ڍِڍِرُ. ج ڍِڍِرَ:** ذ. ڍِڍ، پيٽ نڪتل.

"ڍِڍِر سانڍي ڏانڊ، ڪنول ساموهن ڪيئن ٽيان"

**ڍُومڻ:** پتڪڻ، ڳولا ڪرڻ.

" سارو جڳ جُهومي، منهنجو من ڍُومي،
موتي آئي بهار هاٽي مون ڏي موڙ مهار پرين"

**ڍُونگرو:** ماڪ، ٽيڙ، ماٽ، وِلهه، شبنم.

"صُبح وڳو ساز سانجهي گونگو ڍُونگرو"

**ڍُنيڪا :** ڍُنيڪار اوچنگارون.

"ڳَل ڳَل ڳوڙها، سُڏڪا ڍُنيڪا"

**ڍِيڪ:** بڪواس، واهيات گفتو اجايو ويڻ.

"مان قيد آهيان مارُو ناهن،
ڍاٽِيئڙا ڇو سهندا ڍِيڪ"

## ر

**رات. ج راتيون:** ث. ڏينهن جو ضد، اوندهه جي علامت.

"رات جا ڪُهتي ٻه آ، ڪُپتي ٻه آ،
ڪير تو ڪنهن کي سجاڻي،
ههڙي هاڃيڪار رهزن رات ۾"

**رازو. ج رازا:** ذ. معمار، اڏيندڙ اوستو.

"شاعرِيءَ جي رمز ۾ ٿي شاعروا
قوم جا ڪُڙمي ڪمي رازا ٿيون"

"متان هانءُ لاهين او دلگير دنيا،
اسين تنهنجا هر روز رازا ته آهيون"

**راسُون:** واحد: راس: چوٽيون ڪرٽا، آسمان ۾ هڪ خيالي گول چڪر، جو پورن 12 حصن ۾ ورهايل آهي، هر هڪ حصي کي راس چئبو آهي.

"سُهٽاڻپ جي ساڪ، سِٽُون راسُون سج جون"

**راشو. ج راشا** ذ. عام، سادو معمولي ماڻهو.

"گدا شاهه خاشا ۽ راشا هضم"

**راڳ روشني ٽيڻ:** اصطلاح. راڳ روشنيءَ جي علامت ٽيڻ، راڳن ذريعي شعور جو پکڙڻ.

"راڳ تي روشني بخاري ويا"

**راڳو (راڳڻ). ج راڳا:** ذ. شينهن جو هڪ قِسم، چيتو.

"راڳي ڪتان راڙ ڪئي، ياٽي ۾ يان يان"

**رانديڪو. ج رانديڪا:** ڪيڏوڻو دلچسپ خيال، لُپائيندڙ احساس.

"تو طرز وتي بي ڪا، هر شعر ۾ پوپٽڙا،
هر بند ۾ رانديڪا"

**راهون رائڻ:** رستا/واٽون، ڳاڙهيون ڪرڻ، راهون رستا ڪاميابيءَ سان همڪنار ڪرڻ.

واهُون ووڙين وائِن سان،
راهُون رائيئن زنده بادا

**راهہ ج راهُون:** ث. اَنَ جو ڍِڳ، اَنَ جي راهہ.

"داڻو داڻي سان مِلِي نهندي آهي راهہ"

**راهہ ۾ رد ٿيڻ:** اصطلاح. رستي ۾ ڪاپڻ، واٽ تي گُم ٿيڻ، هلندي هلندي ٿڪجي پوڻ، رستو متائڻ.

"راهن ۾ ڪو رد، منزل تي ڪو معجزو"

**رَتا:** رڱيا، ڪامياب ٿيا، سُرخرو ٿيا.

"گرڻ ۾ گتا ڪي، کتا ڪي رَتا"

**رَتَلُ ج رَتَلَ:** ذ. ڳاڙهو رت هاڻو رچيل، مَتَلُ.

"رتل ڪيڏو رنگ، جُتيل ڪيڏي جنگ"

**رَتَڻُ:** رڱڻ، رت ۾ ڳاڙهو ڪرڻ.

"ڏڪ پرستن راهہ ويندن کي رتيو"

**رُتِي:** رُنِي، هنئِي، لڳائِي.

"ينب اونده ۾ ڪنهن پڙڪندي،
جوت جي روت رڻ ۾ رُتِي"

**رَجُهہ ج رَجَهہ:** ذ. پَچُ، اکين جو پچي خراب ٿيڻ.

"وِينجهر پچي رَجَهہ تنهنجي اکين آ ڪيو"

**رُچِي . ج رُچون (رُچيُون):** ث. پسندي، وٽت، ذوق.

"ديد تنهنجون رُچون پڙهي تي پئي"

"ساجَنِ سنگت سگهو ڪري رُچيون رنگ رچن"

**رڇ:** مهاڻن/شڪارين جو جار.

**رَڇ پوڪڻ:** پاڻيءَ ۾ جار اڇلڻ، شڪار ڪرڻ.

"پوکن رڇ چرن ۾ گوڏا، اڏ پوڙها"

**رَدڪَدُ. ج رَدڪَدَ:** ذ. اجايا بحث، فضول تنقيد، ڳالهہ رد ڪرڻ.

"ويني ويني وات جي ردڪد مان ڇا فائدو"

**رَڏُ. ج رَڏَ:** ذ. رڏي، هٺ، هوڏ، ضد، انا.

"سودا تنهنجي اَڍِ ۾ ارڏائي جو رَڏُ"

**رُڪ رِجائڻ:** اصطلاح. لوهہ پگهارڻ، سخت جُهد ڪرڻ.

"پهريان رُڪ رِجاءِ، آڳ ڏڳائي آڳرِيا"

**رڱين رُڪ بنجڻ:** اصطلاح: رڱن ڪي رڪ جهڙو ڪرڻ، اڏول، نہ ٽٽندڙ مضبوط ٿيڻ.

"جي يانيو جُهونجهار ٿيون رڱين بنجو رُڪ"

**رُگهہ ج رُگهون:** ث. اُپ، گهُٽ بُوست.

"ڪيڏي ڪوڙهي رُگهہ چِتن چيو چيٽ وٺ"

"سرديون پارا، گرميون رُگهہ"

**رَلِي تاڻڻ:** اصطلاح. بي فڪر تي سمهڻ،

خاموش رهڻ، غافل ٿيڻ.

”تُون رَلِي تاڻي سُتين، دنيا اُتي وِئي“

**رمزون ربيع ڪرڻ:** اصطلاح. رمزون چيٽ جي فصل جهڙيون ڪرڻ، وڻندڙ رمزون، سهڻا خيال (ربيع: پوکيءَ جي مُندن مان هڪ).

”رمزون سڀ ربيع ڪريان خوبيون سڀ خريف،
تنهن بہ تعريف، پتي پُوري نہ ٿئي“

**رُمُ. ج رُمَ:** ذ. ڪارو ڪوجهو بدصورت، بنهہ ڪارو.

”ڪوجها رُم رقيب يا قاصد عشق عجيب“

**رمضان هُجڻ:** بک بدحالي هجڻ، ڪاڏي پيٽي جي ڪوٽ هئڻ.

”شيخ صاحب شهر ساري ۾ اچا رمضان آ،
تهنجي گهر ۾ عيش سان عيدُالضُحيٰ آئي تہ ڇا“

**رنيڻ:** پُڪارڻ، ڳوڪارڻ، ڳوڪڻ.

”ڇجي ڇجي نہ رنيو لاڙ تر، سَرا، ڪاڇا“

**رِندُ. ج رِندَ:** ذ. مست الست، بيباڪ، بهادر جوڌا.

”ڏرن جيڪي ڏنجهہ کي،اُتن رِند اُهي“

**رَنڊڻ:** روڪڻ، رنڊڪ وجهڻ.

”اڄ رَڃ رنڊيا ها تہ ڪٽي برَڃ اُتون ها“

**رُنگہ ج رُنگون:** تورو ذري، چُڪو سوائي، چُڪي.

”تون ڏنگ تي ڏنگ ٿو ڏين،
جڻ رُنگ تي رُنگ ٿو ڏين“

**رُڃ جو ڪير:** اجائي ڪوشش.

”رُڃ جو ڪير ٿي سُڃ ولوڙي“

**روٽڙ. ج روٽُون:** ث. رونبو بيچارو پوکڻ، سلن کي هڪ هنڌان ڪڍي ٻئي هنڌ پوکڻ، وهراڄ.

”ينيپ اوندهہ ۾ ڪنهن پڙڪندي،
جوت جي روت رڻ ۾ رُتي“

**روٽي هوٽي:** مانيءَ جي ڪري، روٽيءَ جي ڪري.

”راڄ رُلِي ويا روٽيءَ هوٽي“

**رُوح رڳڻ:** روح کي سرهو ڪرڻ، دل خوش ڪرڻ.

”بخاري پهتا پرين منهنجو رُوح رڳڻ“

**روسيم:** رئيس، وڏيري، سيد، پِير، مشائخ جو مُخفف.

”سُتت سڏبين روسيم تاريخ وٽ“

**روشن درد:** پرندڙ يا ڏکندڙ درد.

”دل ۾ روشن درد بخاري،
چُلهہ ۾ ڪانڊو تانڊو چمڪي“

**روشنيءَ جا قافلا:** ث. سُهائِي شعور جا ٽولا.

” هليا ڪاڪ ڏي قافلا روشنيءَ جا“

**رُونجهِي. ج رُونجهيون:** ث. جهانوَرِي، گهٽ ڏسندڙ چُنجهِي.

”پالو نُور نِڪور سان رُونجهِي تنهنجو جُهور“

**رُونگو. ج رُونگا:** ذ. هڪ قِسم جو پکِي، سندس ڳتيل ڳوڪ سبب هنج ر واسِي ان کي ڳُونگو بہ سڏِينَ.

”ڳُوڪ ڪٽي تنهنجي،
ڪچهري ۾ مون رُونگي وانگي“

**روهاڪي:** جابلُو پکي.

"جِيون جهاڳ اَجهاڳ، مان رولُو روهاڪي"

**روهہ ج روهہ:** ذ. جبل، پهاڙ.

**روهي:** جابلو جبل وارا.

**روهي بنجڻ:** اصطلاح. روهہ وارا ٿيڻ جابلو/ جبل وارا بنجڻ، مضبوط بنجڻ.

"روهہ منجهان تا روهي بنجن،
پُونءِ پريءَ جو بار ٿين تا"

**روهيلو. ج روهيلا:** ذ. پٺاڻن جو هڪ قبيلو، سخت ذڪيو.

"وقت هجي روهيلو رڻ پٽ،
ڏينهن ضرور تہ ٿوهر هوندا"

**رَهسي:** راضي ٿي، خوش ٿي.

"هي جو ميل متو رهسي رنگ رَتو ڪجي"

**رُهي. ج رُهيون:** ث. سخت سيءُ، تيز هوا سان سخت سيءُ.

"ڪوسو پيارُ پيارِ ساقي سِيءُ رُهي"

**رَءُ. ج رَءُ:** ذ. وهڪري واري مِٽي، لَٽُ، ريت.

"واهيون ڪُوڙُون ريج رَءُ، ريڙها گجي گاج"

**ريتا رنگ رچائڻ:** اصطلاح ڪاميابي ماڻڻ، لال گلال ٿيڻ. (ڳاڙهو رنگ انقلاب جي علامت آهي).

"لات لطيفي سُر سَرمستي، ريتا رنگ رچايا"

**رِيچڪ. ج رِيچڪ:** ذ. ريچڪو پور، رونشو ڇيڏڪ.

"رُوح ۾ رت جو رِيچڪ سمجهو
ڇوريءَ دل جو ڇيڏڪ سمجهو"

**ريشو ريش:** ذرو ذرو، ٽوٽو ٽوٽو ٿيا ڀڳا.

"نيٺ تہ نَوَ- نيشا، مرندين ريشو ريش ٿي"

**ريکُ ج ريکُون:** لڪير. نشان، ليڪ.

"سُرخي ريک ٽِري جي، سُڪڙي ٿي سائي"

**رِينگو. ج رِينگا:** ذ. روح، راڙو، درد، دانهون، رينگٽ.

"رڳ رڳ رينگا راڳ چوان ڪهڙو"

**رَينَ:** ث. ڪاري رات.

"رِڻ پٽ تو بِن رَينَ، مان رڻ پٽ تي پوپري"

# ز

**زار:** روس جو ظالم حڪمران، ظالم، آمر.

"آمر جابر قاهر ڪل ئي زار هلاڪُو هٽلر سڏ"

**زَبان. ج زبانون:** ث. ٻولِي.

**زَبان ڏيڻ:** اصطلاح. ڳالهائڻ جي سگهہ ڏيڻ، ڳالهہ چوڻ جي جرئت ڏيڻ.

"جنهن زبان مون کي ڏني آهي زبان"

**زَبان رکڻ:** اصطلاح. چئي ڏيڻ جي سگهہ هجڻ، ڪڇڻ جي همت هجڻ.

"لُڇون چو نہ جاني، پُڇون چو نہ پيارا،
نگاهُون اٿئون ۽ زبانون رکون ٿا"

**زَبان سان زهر پيارڻ:** آزاريندڙ گفتگو ڪرڻ، ڏک ڏيڻ، آزارڻ.

"پياري زهر زبان سان تڪيائين ترياق"

**زَباني شاعِري:** لفاظيءَ تي ٻڌل شاعِري ۽ بي مقصد شعر.

**سُپاڻو:** سپاڻي، ايندڙ وقت، مستقبل.
"اچوڪو انبوهہ سُپاڻو سوچيو وجهي"
**سَت ـ سَرو:** سگهہ وارو شراب. پڪو سرو تيارمڏ
"مَتارا مَتا ، ساتي سَت ـ سَري تي"
**سِٽو. ج سِٽا (سرائڪي):** ذ. سَنگ، اصطلاحي معنيٰ اُرهہ
"ڪانگڙ ڪانو چيلهہ سيني سنگ سِٽا ٻِٽا"
**سِٽون چَڪِيون ڪري رکڻ:** سٽن کي ٻوٽن جي چڪين وانگر پوکڻ، مستقل قسم جي پناهہ ڏيڻ، دائمي سجاڳيءَ جو سنيهو ڏيڻ.
"سِٽون چَڪِيون ڪري ٿو يار،
راهن تي رکي چڏيان"
**سَٺ ـ سَنو:** سَٺَ سالن وارو.
"سٺ ـ سني انقلابي عزم تحريڪون تتيون"
**سپنو اُٺڻ:** اصطلاح مستقبل جا خواب لهڻ، آئيندي جا اُڏڪا سانڍڻ.
"موت حياتي بنجي، دوزخ جنت ٿئي،
هاڻ بخاري اهڙو سپنو اُٺندو هان"
**سپنو پالڻ:** اصطلاح. خواب سانڍڻ. تمنا رکڻ، آرزو سانڍڻ.
**سپنو پوکڻ:** اصطلاح. خواب ڏسڻ، آرزو سانڍڻ.
"پوکيم پاليم جيون سپنو اُلري موت لُٽيو"
**سِج تي اُيرڻ:** سج وانگر روشن ٿيڻ. هر هنڌ ميجتا ماڻڻ.
"اُيري سج تي پڪڙي ٻج تي سورج اهڙو سُر"
**سِج جيان جئڻ:** اصطلاح. سدائين روشن رهڻ، امرتا ماڻڻ.
"جيان سِج جيان، مرڻ مُند ڏسان نہ مان"
**سَجِيهہ. ج سَجِيهہ:** ذ. وڏيڪ. زياده، گهڻو.
"سِڪڻ تيئن سَجِيهہ. ماريو اهڙي مامري"
**سِجُهہ. ج سِجَهہ:** ذ. سج. روشني، جوت.
"ڪاڻن سورهيہ سِجهہ سوڍا ڏرتي سوجهرا"
**سِجهہ اُجهڻ:** سج لهڻ. روشني ختم ٿيڻ.
"ڦڙڪي ڦڙڪي مامتا مرجهي وئي،
سِجهہ اُجهي ويو گُهگهہ اوندهہ تي وئي"
**سُجهندو. ج سُجهندا:** ذ. سوجهرو روشني، سُجاڳي.
"اُجهندو ڪيڏو انڌ ڪري ٿہ ٻہ،
سُجهندو استاد آهي سُجاڻ"
**سَجَڻُ:** چُهڻ نشان ڪرڻ ٽَڪڻ ڪَشڻ سَلڻ
"نہ ڪنهن آگر سَج ڪئي نہ ڪنهن دل دغلي"
"مرڻ جيئڻ مامرو سياڻا سمجهي سَجَ"
"سيني سُورن ٿُوڙ سو تون سور نہ سَجَ"
**سَرابُ:** ذ. رُڃَ، ڏوڪو دولاب.
"سراب راهہ ۾ آهي تہ ساڙجي نہ وڃو"
**سِرائِي:** سِري جو رهاڪو سرائڪي ٻولي ڳالهائيندڙ.
"سِرائي تنهنجا سجڻ، تنهنجا ميت ٿِري"
**سُرتِ. ج سُرتُون:** ث. ساڃهہ. سمجهہ. عقل، سُجاڳي.
"ناهي سُرت سُتي، ڦتڪي باک ڦُتي پئي"
**سَرچي. ج سَرچيون:** ث. سائو آباد، خوشحال، سرسبز.
"اسڪندر آوا ٻاريا سرچي سِنڌ تي"

**سنگِينُون ساڙڻ:** اصطلاح. ڌاڍ جا هٿيار ساڙڻ، ظلم (هٿيارن سوڊو) ختم ڪرڻ.
"ڦاهيون ڦٽڪائي،سنگينون ساڙي ڇڏي"
**سُوتا پُوتا:** پُورا سارا، پُوراپُنا، زوري پُورا ڪرڻ.
"سُوتا پُوتا چونرڙا،سوڙهہ سنگهوڙا در"
**سونُو. ج سونا:** ذ. ذمو ذميداري، جوابداري، ضمانت وعدو قول، پرن.
"تڏهن ڪاَن سُونهن جو سونو مِنو ٽيو"
**سُوڊو. ج سُوڊا.** ذ. صحيح، سالم، سچو درست، اُجرو سهڻو.
"جو بہ بخاري سپنو سوچيو سُوڊو هوندو"
**سوجهرا اُيارڻ:** اصطلاح. روشنيون ڦهلائڻ، سُجاڳي پکيڙڻ، شعُور جاڳائڻ.
"غرُور ہاٿ جو ٽُٽي ئي نہ ٿو هزار سوجهرا اُياريا سين"
**سوچ اوٿر ٿيڻ:** سوچ طوفان ٿيڻ، سوچ ۾ جوش اپرڻ.
"سوچ اوٿر ٿي ڊوڙي پئي،
ديد مَنڇَر ٿي اٿلي پئي"
**سُورج سڌڻ:** روشني ڪي سڌڻ، روشني آڻڻ، انقلاب/آزاديءَ ڪي سڌڻ.
"اسان تي هي بہ الزام آ تہ،
سورج ڪي سڌيون ڇو ٿا"
**سُوريون ڏري وجڻ:** ڦاهيون ڦٽڪِي وجڻ، ظلم جو ڏڪي وجڻ.
"ٽڙڪا پيا ٽياس ۾، سُوريون ڏري ويون"
**سوڙها رشتا:** تنگ رشتا، ڏور رشتا.
"تنهنجي ڳل تي ڳوڙها، منهنجي دل ۾ لوڙها،
تنهنجا منهنجا رشتا سوڙها"
**سُوسٽ. ج سُوسٽ:** ذ. شوڪارو ٽڏو ساهہ.
"سُوسٽ پرن صديون،پگهري پون پل"
**سوسو. ج سوسا:** ذ. گهتتائي، سوسو ٿورائي، اوڻائي، بخيلي.
"آئون سوسو سَهِي،فڪر منهنجا ڦڪڙ"
**سولَ(شولَ):** جوهي تعلقي ۾ ڪاڇي جي هڪ باراني ندي يا نئين جو نالو.
"گاج تہ آهي گاج، صدقي توتان سول مان"
**سُولُ. ج سُولَ:** ذ. ميل، جوڙ ساٿ، راس.
"سوپ تني جي سُول ۾، جن جي سوچ سُجاڳ"
**سومهڻي. ج سومهڻيون:** ث. سنجهو سانجهي، رات جو سمهڻ وارو ٽائيو عشا، سُتي لوڪ آوير.
"سومهڻي جي سُج ۾،ڪير نہ ڪنهن جو سيڻ"
**سُونجَهہ ج سُونجُهون:** ث تلاش، ڳولا، کوج.
"سارڻ سوجهرو پرين سُونجهہ پسي سگهي"
"شهر سُونجهيو تہ شام سان هوندو"
**سونارو. ج سونارا:** ذ. سون وارو شاعر، اديب، تخليقڪار.
"سونارا اوجار توڪان ساهت ساهہ جا"
**سُونبو. ج سُونبا:** ذ سُنبو ڇُهنبدار لوهو اوزار.
"هٽي سُوٺا سُونبا، اوهان جِنس جاچيو"
**سَونڪو. ج سَونڪا:** ذ. ڪُتڪو خوف، ڊپ، هِراس.
"اُتو ڇرڪ ڇتيو سَونڪو سوتو ساڻ پئي"

**سُونهين. ج سُونهيون:** ث. شاخ، ڪَسِي، نَنڍڙو واٽر
"درياهہ کي سونهين تي وهڻ ڪونہ آيو"
**سَهم. سَهمُون:** ث. مهڻو طعنو ڏوراپو جهڪهڻڪ.
"هڪ جا سَهم سَڙهي گهڙي ٻي جا ٻاجهہ ٻَکي"
**سَهو. ج سَها:** ذ. سَيَهڙُ، ڪمزور، هيڻو.
"هي فيصلو هرڻ ڳڌ، ڦاڙها سَها ڪندا"
**سِهو. سِها:** ذ. وجهہ، آسانگو موقعو اميد، سجاڳ.
"سُڪهڙي جو سنهڙو سِهو ڪونہ هو"
**سُهڻي جوڙ جوڙڻ:** خوبصورت تعلق ڳنڍڻ، مضبوط ناتو جوڙڻ.
"هٿ ۾ پرين هٿ ڏئي، جوڙيون سُهڻي جوڙ"
**سُهڻي ۽ ميهار:** ہ رومانوي ڪردار، نيم تاريخي داستان جا ٻہ اهم ڪردار.
"سهڻي ۽ ميهار ميلا ٻيلي جهول ۾"
**سُهڻي:** رومانوي ڪردار محبوبہ.
"آڳ جي درياهہ ۾ ٻوڙي ڪُڏان،
هُن ڪناري تي اگر سُهڻي هُجي"
**سويرو ٿيڻ:** روشني ٿيڻ، سوجهرو ٿيڻ.
"دل چوي ٿي اڄ سويرو ٿي پوي"
**سِيارو ڪرڻ:** نارڻ، سُڪون ڏيڻ، سياري، سردي واري موسم بنجڻ.
"مُند تنهنجي مرڪ ۾ ۽ ڪُرڪ ۾،
چاهي سيارو چاهي اونهارو ڪرين"
**سيرِي ج سيرِيُون:** ث. ڪاڇي ۾ سَئو جريبن کان متي ايراضي کي آيل بند واري زمين سيرِي سڏبي آهي، ڳلي.
"ڏال نشاني ڏاڍ جي، سِتم جي سيرِي"
**سيسَرُ. ج سيسَرَ:** ذ. واگهہ، ظالم، وحشي، دشمن.
**سيسَرُ کي ساٿي ڪرڻ:** ظالم کي سنگتي ڪرڻ، دشمن کي دوست بنائڻ.
"مانگر ٿي مارِيَوَ سيسر کي ساٿي ڪري"
**سِير. ج سِيرُون:** ث. سِيسَرات ڏار.
"واءُ اُتر جو ٻُت ۾ ٿو سِيرُون وِجهي"
**سيڙهو. ج سيڙها:** ذ. وِٿي، وِيرِي، سَنڌو اختلاف.
"سَنڌا ۽ سيڙها محبت نيٺ مِٽي ڇڏيا"
**سِيڙ. ج سِيڙُون:** ث. ايذاءُ، تڪليف.
"سِڪڻ ڳَڙ جي سِيڙ، ملڻ سان مانار ٿئي"
**سيڪُ. ج سيڪَ:** ذ. تَوَ گرمي، ظلم، دهشت.
"شهر شهر کي نگر نگر کي سيڪ پيو سيڪي"
**سِيلَ. ج سِيلون:** ث. سُٺي رَوش، سُٺو تعلق يا لاڳاپو.
"جو توسان رکي سِيل، پلي پيل هجي ڪو"
**سيلُهہ. ج سيلَهہ:** ذ. ٻاٻِري ڪنڊو، درد، سور.
**سيلهہ ٿيڻ:** آزار بنجڻ، ايذائيندڙ ٿيڻ، عذاب بنجڻ.
"ڏُجهڻ اڳِئي ڏوجهرا، سجڻ ٿيا سيلهہ"
**سيلهو. ج سيلها:** ذ. ٻٻُر جو ڪنڊو، زخم، مرض.
"جيون ڳُل سان جيجل، شامل سيلهو آ"

**سيمابُ. ج سيمابَ**: ذ.پارو. چمڪندڙ تجليدار دل لُڀائيندڙ.

"سون جو جَهرڪو سدا سيماب هو"

**سِيم**: ث.سيمون ڳوٺ جي پسگردائيءَ وارو علائقو علائقي سان موسوم جهنگ، سنڌو دنگ.

"وندبخاري ورچي ڏيو پيئي جيئي ساري سِيم"

**سينڌو. ج سينڌا**: ذ. دوست، يار، ساٿي.

"سويرو سينڌو هوندو لڪ لنگهي ويو"

**سينڌِي ج سينڌيُون**: ث. سَهيلِي.

"مکجي پٽي مينڌِي،
مهڪي لال ڳنوار ۾،
پڄري پٽي سينڌي"

**سينگو. ج سينگا**:ذ. ساٿي، سرتو سڄڻ.

"ڇاجو ڍهڪو ڊاءِ، جي تو سينگو سوجهرو"

**سَيهڙ**: هڪ قسم جو جانور خرگوش سنهيءَ کل وارو جانور(سهو)

"ڪانئر سَيهڙ کل، شينهن سان سامهون نـ ٿي"

**شاعري**: شعر. شاعر جي تخليق، (محبوبہ ڏي اشارو)

**شاعري چُمڻ**:اصطلاح. محبوبہ کي چُمڻ، مِنيون ڏيڻ.

"هڪ شاعري چُمين تو پيو
بي شاعري ڪرين تو پيو"

**شاهہ** : سيد. (شاعر جو پاڻ ڏانهن اشارو).

"وتي عقل، مَتِ، شرم ٿَئِي نِهوڙيو،
انهي شاهہ کي شهر سارو سُڃاڻي"

**شَبو**: هڪ گُل جو قِسم (Tuberose)

"موکي تنهنجي مُک ۾، شمع، شبو ٿئي"

**شدادُ**: خدائيءَ جي دعويٰ ڪندڙ هڪ مشهور حڪمران (جنهن بهشت ٺهرايو هو).

"شداد جي بهشت جا رازا مزور آهيون"

**شرنايون سونپڻ**: اصطلاح. خوشيون ڏيڻ.

"شادين کي شرنايون سونپي،
پيڙن کي پُو ڪارون ڏي"

**شُشُڪارڻ**: ٻچڻ، ٻَچ ڪرڻ.

"شُشُڪاري شيطان، ڪارا ڪُتا موڪليا"

**شعاع شل ٿيڻ**: ڪِرڻن جو پگهرجڻ.

"ارتو روئن اوندهون، شعاع ٿين شل"

**شعاعي**: ليزر شعاعن واري، بارودي.

"جهنم کان شعاعي جنگ بدتر آ"

**شُعبو. ج شُعبا**: ذ. (اداري جو) حصو ڀاڱو. تعليم گاه ۾ هر علم لاءِ جدا انتظامي کاتو.

"مون جو ٿونٿُو گهُريو تو چيو هل هلون،
شوق شعبو گهُريو تو ادارو ڏنو"

**شعر ۾ شرناءِ هجڻ**: شعر ۾ واڇو هجڻ، شاعريءَ جي ناموس.

"هيم تہ شعر ۾ شرناءِ، پر نـ ٿي ڇيڙيم"

**شُعلا ٻچڻ**: تانڊا ڏيڻ، اشتعال ڏيارڻ، ڇيڙائڻ.

"ڳارائــــيــــن تـــو راڳ،
شعلا ٻچيئي شهر کي، ڳوناٽن ڏي آڳ"

"بانگ جي لائوڊ تي شعلا ٻچيا"

**شُعلا تيز ڪرڻ**: ڀڙڪائڻ، جوش وڌائڻ.

"تون آيو آن منهنجا شعلا تيز ڪرڻ"

**شعلو شام (هجڻ):** تڏو. جذبو هلڪو احساس.

"منهنجو شعلو شام، تنهنجو پڙڪو باڪ جو"

**شعور پارڻ:** اصطلاح. سُڄاڳي ڏيکارڻ، سُڄاڳي آڻڻ، فڪر ڏيکارڻ.

"ڏسو ڪو ترورو اُٿيو يا نہ،

شعور شوق ٻول پارياسين"

**شفق اوڙهڻي:** خوبصورت ٿي اچڻ، شام جي شفق جهڙي ٿي اچڻ.

"هر شام شفق اوڙهي آ ايندي مون ڏي"

**شقِي:** بدنصيب، نياڳو ڪمبخت، بدبخت.

"ظلم سان شمري شقي جي دوستي"

**شِڪاري: ج شِڪاري:** ذ. شڪار ڪندڙ وحشي، ظالم.

"شڪاري تاڙين ٿا آميون ۾ ڦاپيون"

**شمع. ج شمعُون:** ث. ميڻ بتي، موم بتي.

"شمع پچري وئي، پتنگا ويا پچي"

"موکي تنهنجي مُک ۾ شمع شبو بئي"

**شوشو. ج شوشا:** ذ. افواهہ.

"اِهو شوشو شور آ تہ ڪوٺن آهہ ڪٽيو"

**شوق پارڻ:** اشتياق ڏيکارڻ يا وڌائڻ.

"ڏسو ڪو ترورو اُٿيو يا نہ،

شعر شوق ٻول پارياسين"

**شوق کي شباب اچڻ:** شوق جو عُروج تي پُڄڻ، شوق اڻ جهل ٿيڻ.

"جتي بہ شوق کي شباب ايندو آ

اُتي وڏو انقلاب ايندو آ"

**شُوڪڻ:** شُوڪارو پرڻ، ڌک پريا ٿڏا ساهہ ڪڍڻ.

"نرم نرم بسترو جنهن رات چُپائي ڪندا،

شُوڪندي شعر جا گجرا ٺاهيون مرڪندي"

**شهپر وٺڻ:** پرواهہ نہ ڪرڻ، خوف نہ کائڻ.

"چپائين تہ خنجر نپيندا وتون ٿا،

چيم پو بہ شهپر وٺيندا وتون ٿا"

**شِيڪو. ج شِيڪا:** ذ. موشو حجاب، ماٺو ڪاوڙ.

"شڪي شِيڪو ڏُور ٿيو

بچيو شوق شباب"

**شِينهون. ج شِينهان:** ذ. ڪُتي جو هڪ قِسم.

"شوق برابر شينهن بخاري،

شهر بچايا شينهان"

## ص - ض

**صديون پيارڻ** : صدين تائين جيارڻ امر تا، بخشڻ.

"اج رات باک ڏاري،
صديون چڏيون تو پياري"

**صديون جاڳائڻ:** صدين/سون سالن جي سجاڳي پيدا ڪرڻ.

"صدين کي جاڳاءِ بخاري،
سانجهيءَ کان سانجهي"

**صدين جو سوداءُ:** صدين جو فِڪر، صدين جي سوچ.

"پَدَ پَدَ ۾ پڙلاو
اج ڪلهه تنهنجي نظر ۾،
صديُن جو سوداءُ

**صديون سجايون ٿيڻ:** زمانا ڪارائتا ٿيڻ، وقت شعلا ٿيڻ.

"صديون سجايون ٿيون،پلئه پيو هي پَل"

**صدين سان سرگوشي ڪرڻ:** زمانن سان ڳجهيون ڳالهيون ڪرڻ.

"صدين سان سر گوشيون منهنجون، ٻاٻاڻا ٻول"

**صديون سلجهائڻ:** صدين تائين شعور ورڇڻ.

"دمن جو مهمان صديون سلجهايان پيو"

**صديون ڳرڻ:** صديون گذرڻ.

"سورج هٿان رجهي رجهي صديون ڳري ويون"

[ض]

**ضَو:** روشني، انصاف.

"ظل الاهي،ضَو نہ پر ظلمت تہ هو"

**ضِياءَ . ج ضِيائون:** ث. چمڪ، تجلِي، رونق.

"آسمان تنهنجي ستارن ۾ ضِيا آئِي تہ ڇا"

## ط

**طالعُ. ج طالعَ:** ڀاڳ، سڀاڳ، اُڀرندڙ ستارو.

"اهڙو طالع تو،رصدين ۾ ساماڻجي"

**طائفو.ج طائفا:** ذ. گروهہ، ٽولو ڳائڻ وڄائڻ وارن جو ٽولو فنڪارن جو ٽولو.

"يا تو ۾ ڪو طائفو يا طرحدار ٿُمنُ"

**طَرحدارُ. ج طرحدارَ:** ذ. وضعدار، سليقي وارو، سهڻو خوبصورت.

"يا تو ۾ ڪو طائفو يا طرحدار ٿُمنُ"

**طَريقا:** نمونا، اٽڪلون

"حبيبو طبيبو طريقا ڪيو
لڳا تم ڪليجي ۾ ڪوڪا ڪيو"

**طَناب. ج طَنابُون:** ث. تنبوءَ جي رسيءَ، زمين ماپڻ جي رسي، نوڙي، ڏوري

"پنجوڙون، سوٽا، ڏڦا طنابون بہ تيار"

**طوطي واري ٻولي هجڻ:** ٻئي جي ٻولي ڳالهائڻ، درٻاري هجڻ.

"تنهنجي ٻولي طوطي واري،
تنهنجي روزي چُوري واري"

**طوعَاً ڪرهَاً:** خوشي ناخوشي،دلئون يا بي دلئون، هر حال ۾.

"طوعَاً ڪرهَاً مچ، وو جا وات وجُود جي"

**طورُ. ج اَطوار:** ذ. انداز نمونو چال چلت.

"هن دور نرالي جا،سيئي طور نرالا"

**طُوفان ُ[1]. ج طُوفانَ:** ذ. اوتر، خطرو نقصان، مصيبت، آزار.

**طُوفانُ [2]. ج طُوفانَ:** ذ. اوتر، زوردار هوا.

"طُوفان ئي طوفان ساڃي سنبران زندگي"

"جَهونڪا طوفان بنبا،هُو ڏس بنجن پيا"

**طوفان ڇيڙڻ:** هلچل مچائڻ، تحرڪ آڻڻ.

"هِير ڇيڙيم هَونس تي طوفان ڇيڙيندو وتان"

**طوفانن ۾ ٻرڻ:** مصيبتن ۾ روشني ڪرڻ، ڏاڍاين ۾ مقابلو ڪرڻ.

"طوفانن ۾ ٻرندا آهيون ڏاڍا اوکا ويڙها آهيون"

## ظ

**ظرف زمان:** زماني جو مالڪ هجڻ، وقت تي وس پائڻ، حالتن تي قابو پائڻ.

**ظرف مڪان:** جو وارث هجڻ.

"ظرف زمان ۽ ظرف مڪان جو وارث ماڻهو هوندو
جان ۽ مان جو امن امان جو جو حافظ ماڻهو هوندو"

**ظِل:** پاڇو ڇانءُ.

**ظُلمت:** اونداهي،ناانصافي،جبر.

"بادشاهي پويان پاڇا تي لڳي،
ظل الاهي ضُو نہ پر ظلمت هُئي"

**ظُلمت ۾ زلزلو آڻڻ:** ظلم ۾ ترٿلو مچائڻ، ڏاڍ خلاف هلچل تيز ڪرڻ.

**ظُلم ڇتي:** ڏاڍ جي ڇتي، (ظلم جو سهارو بنجڻ وارا)

"نيرو، شمرو، زار، مدد،
ڇَڪ ڇَڪ تي ويا ظلم ڇَتي"

**ضو:** روشني.

ظل الاهي ضو نہ ظلمت هئي.

## ع

**عجابي:** عجائبي، عجب جهڙو اچرج جهڙو.

"رت گلابي رنگ، مارگ کي ملجي ويو
عجابي استاد تيو آئيندو انگ انگ"

**عَدل:** انصاف، مساوات، برابري

"عشق عمل جا، عيش عدَل جا،
توڙي ڏينهن بہ چار، هينئڙي هيج هزار"

**عَدُل اُپائڻ:** انصاف قائم ڪرڻ، انصاف

پيدا ڪرڻ.

"جهانُ امن جو جڳ مڳائي تہ پيو
نئون عَدُل آدم اُپائي تہ پيو"

**عَدم بَحَر:** نيستيءَ يا نابوديءَ جو ساگر.

"اوندهہ عدم بحر ۾ توسان تار تران"

**عَرض:** ہِي شئي تي مدار رکندڙ عارضي خاصيت.

"آئون ئي عرض آهيان، جانب تون جوهر"

**عزم صالح:** نيڪ ارادو، روشن سوچ، صالح ارادو.

"نئون دور اوندهہ ۾ رنگجي تہ چو؟
اٿيو عزم صالح اُجالو پري"

**عشق – آڳ:** (مرڪب لفظ) عشق جي آڳ، محبت جو مچ.

"محبت جو معجزو يا ڪرامت شباب جي،
استاد عشق–آڳ ۾ گهمندو ڏٺو اٿم"

**عشق پوڳڻ:** عشق جا آزار سهڻ، عشق جون تڪليفون برداشت ڪرڻ.

"عشق پوڳيندو وتان ٿو
حُسن ماڻيندو وتان ٿو"

**عشق سلامت هجڻ:** عشق زندهہ هجڻ، عشق قائم هجڻ.

"ڪئي ڪاڪ محل خاڪ خزانا ٿي ويا،
هڪ حُسن پيو عشق سلامت آهي"

**عصا:** لٺ، سهارو.

"نابين کي تہ ڪا نہ ڪا آڌر عصا کپي"

**عقل:** ساڃهہ، شعور، سوچ

"جُهور عقيدو اُڏري پيو آ،
عقل جوانو اُگهڙي پيو آ"

**عقل ڏڪجڻ:** هوش خطا ٿيڻ، سوچ موڳي ٿيڻ.

"عقل مت شرم ٿئي ڏڪجي پيا"

**عِلاءالدين:** بادشاهي لقب، هندستان جو حُڪمران علاؤالدين، ظالم حاڪم.

"علاءالدين انڌو اجل ٿيو اچي"

**عَقيدن ۾ لِڪڻ:** وهمن، وسوسن/ اجاين خيالن ۾ ويڙهجڻ، عقيدن جو لباس پائڻ.

"ڪي مسِيتن، ڪي عقيدن ۾ لِڪا"

**عُهدن ۾ اٽڪڻ:** عهدن جي لالچن ۾ ڦاسڻ، وڪامجڻ.

"آزادي اعلان، عهدن ۾ اٽڪيو رهيو"

**عيدُون ۽ ماتم:** ڏک سُک، غم خوشي.

"عيدُون ۽ ماتم، بخاري جي روبرو"

**عيشن ۾ اُلڪو هجڻ:** خوشي ۾ کُٽڪو هجڻ.

"الا ڙي استاد کي عيشن ۾ الڪو"

**عُنقا:** هڪ خيالِي پکي جو نالو حقيقت کان پري تصورن جي دنيا ۾ رهندڙ (شاعر).

"پنهنجا شاعر پيا گُهرن سِنڌُوءَ جو پاڻي ميرڙو
هُو هميشہ ٿا رهن عُنقا، هُما جي تاڙ ۾"

**عيلي عيلي:** علي علي، نعرو هٽِي ڪاهي پوڻ، جوان مردي حق، مڙسي ۽ همت جو نعرو.

"عشق چيو استاد اُٿي پئو
عيلي عيلي ماشاءَالله"!

# غ

**غارڪرڻ:** گم يا غارت ڪرڻ.

"غيرت ڪج نہ غار بوتو پيندا پُريو تہ ڇا"

**غاليچو ٽيڻ:** وڇاڻو ٽيڻ.

غاصبن لئہ تُوهہ تي ڪوڙو بہ تي،

گاهہ جو ڪِن لاءِ غاليچو بہ تي"

**غَب غَب:** ڪاڏيءَ جو ڇُگهہ (خوبصورتيءَ جي نشاني)

"ڪي ڪريا غَب غَب جي گهَري کُوهہ ۾،

ڪي لڪا زلفن جي گهاٽي جهنگ ۾"

**غَرِيبڙو:** مسڪِين، سادو عام.

"وينجهر تنهنجو فَنُ، غَنِي ٿُوءِ غَريبڙو"

**غزل چيڙڻ:** سونهن جو ذڪر ڪرڻ، حُسن بابت گفتگو ڪرڻ.

"زندگي قيدن ۾ آزادي جو ناد،

ديد سان گونگا غزل چيڙينَ پيا"

**غَشِي. ج غَشيُون:** ث. بي هوشي، بي خبري، مدهوشي.

"موت ناهيس پر غَشِي آهي"

**غمتار:** ڏک تارينداڙ.

"سوڳ سينگار، غم بہ غمتار تو محسوس ٿئي"

**غَنِي:** سَخِي، مالا مال، تونگر، دولتمند.

"وينجهر تنهنجو فن، غني ٿُوءِ غريبڙو"

**غَنِيمُ:** لُٽيندڙ حملو ڪري ڦُريندڙ حملي آور.

"گولا هيليڪاپٽر، توبون بم غَنِيم"

**غلِيظُ ج غليظَ:** ذ. ناپاڪ، پليت، گندا.

"ڇا بدن شفاف ڇا غندا غليظ

ڇا ٻُبا حساس ڇا چَرڪا رزيل"

**غيظ:** سخت ڪاوڙ، ڏمر، غصو غضب، ڪوپ، قهر.

"غرق پنهنجي غيظ ۾ غفلت تہ هُئي"

# ف

**فرزانو. ج فرزانا:** ذ. عقلمند، ڏاهو سمجُهو.

"فرزانا فڪري پئن، مِرگهي مستانا"

**فرعون:** مصر جي قديم بادشاه جو لقب، مغرور ايماني، سرڪش، هٺيلو.

"دنيا ۾ فرعونن آهن ڪافي موجون ماٽيون"

**فسانو. ج فسانا:** ذ. هٿ جو گهڙيل قصو، ناهيل ڪهاڻي، داستان.

"ڪسانن فسانا، مزورن ڪهاڻيون

بنين تي مِلُن ۾ ڪنيون تنهنجون منهنجون"

**فرهاد:** شيرين فرهاد رومانوي داستان جو ڪردار، مشهور عاشق (شيرين جو عاشق) جنهن جبل ٽاڪيو هو.

"لکين تيشن، لکين فرهاد،

پارن جي ضرورت آ"

**ڦورڙو. ج ڦورڙا:** ذ. ڳَڙُ ڦَٽُ، زخم.
"ڇُڙي پوندا ڇيھہ تي، ڦِسن جيئن ڦورڙا"
**ڦُونڊو. ج ڦُونڊا:** ذ. ذرا ذرا، ليڙو ننڍڙو ٽڪر، ريڙ.
"هِت چِت ڦُونڊا، هُت آنند.
ڦيڦو فڪر تہ ڦورُو ڦند"
**ڦُول مالها:** هار، گلن جا هار.
"گلدستا ڦول مالها پريات جي تقاضا"
**ڦُوڪڻ:** بلا، نانگ، ظالم، جابر.
"ڦُوڪڻ ڦُوهہ ڪري ڦُندي، سانگين پئي ساهہ"
**ڦوهہ:** اوج، بلندي، جوڀن.
**ڦِيٿو. ج ڦيٿا:** گول چڪرو (جنهن تي گاڏي هلي).
**ڦِيٿا ڦٽڪائڻ:** گاڏين (وارن) کي جنجهوڙڻ.
"ڦيٿا ڦٽڪائين، پاڇاريون پياريون ڪري"

**ڦيرڦارُ:** تبديلي، انقلاب.
"نہ ڦي جي ٿئي ڪا وڏي ڦيرڦار،
تہ موسم ڦرڻ تي لکي وٺ لکي وٺ"
**ڦيڙهو. ج ڦيڙها:** ذ. ڪٽڪ يا سارين جي ول جو ڍڳ، دن.
"ڏوڪي چنئريون، ڏوڪهي - ماريا،
ڦيڙهي ڏِين ڦيرا"
**ڦيڦو:** سڇيل، سُوٽيل، ڦوڪيل، آڦريل.
**ڦيڦو فڪر:** اجايو نظريو، ڪمزور فڪر.
"ڦيڦو فڪر تہ ڦورُو ڦند"
**ڦيهہ. ج ڦيهُون:** ث. مار ڪُٽ.
"ڪوگهر ڦِتو ڦُوهہ تي ڪنهن کي ڦيهہ ڦِتو"
**ڦينٽِي. ج ڦينٽيُون:** ث. پَٽڪِي، پڳڙي، عزت.
"هر ڦورُو دِي ڦينٽِي لهسِين"

# ق

**قاعدو. ج قاعدا:** ذ. اُصول، دستور، رِيت.
"فرد توڙي قوم لئہ هي قاعدو
جُهد جيڏو جو ڪندو جيئندو پيو"
**قاهِرُ. ج قاهِرَ:** ذ. قهار، قهر ڪندڙ، ظالم.
"آمر جابر قاهر ڪُل ٿِيءِ زار هلاڪو هٽلر سڌ"
**قِتالُ. ج قِتالَ:** ذ. جنگ جدل، خونريزي، قتلام، لڙائي، ويڙهہ، يدّ، جُدّ.
"ناٿا تنهنجي نانءِ ڪيڏا ڪِيس قِتال ٿيا"
**قَصابُ. ج قَصابَ:** ذ. ڪاسائي، وِڍيندڙ.

"ڪامل عشق قصاب چو ڪامل عشق ڪباب"
**قطرو:** ڦڙو، ذرو.
"معجزو قطري کي ٿو ڏارو ڪرين"
**قلات:** بلوچستان جي اڳوڻي رياست جو نالو (جتان جي موسم خوشگوار آهي).
"ڪاڇي قلات وانگر مون زندگي گذاري،
بعضي جَهڪون ۾ جهولا بعضي مزا بهاري"
**قُلزمُ. ج قُلزمَ:** ذ. سمنڊ، ساگر، بحر.
"قُلزم ۾ ڪُرڙي، جڳ ۾ منهنجي جندڙي"

سونهري.

"سونهري لون لال لڳن تي،
ڪڪڙي سنهڙي بُوند ڳلن تي"

**ڪڪوھ:** شرابُ، منڌُ.

"پُوري ڪاڪ ڪڪوھ جي،
ڪنهن کي ناهي ڪل"

**ڪڪڻ:** ڏنگڻ، چَڪڻ.

"ڪٽي ڪر ڪڍي ڦڻ ۾ بگڙي پيا هِن،
ڪڪڻ لاءِ ڪن جي سنبري پيا هِن"

**ڪلالي [ڪلال]:** شراب ناهيندڙ ۽ وڪڻندڙ جي.

"ڪاڪ ڪلالي ڪُوءِ ڪاف بُنهي ۾ ڪوڏ جو"

**ڪلا۔ ڪوھ:** ڪلا جو جبل، ذات جو پهاڙ.

"پُرندي پون ۽ بدن جي ڪرندو ڪلا۔ ڪوھ"

**ڪلتارُ:** ناهيندڙ جوڙيندڙ تخليقڪار، شاعر.

"عشق ڪيئي ڪلتار بخاري،
تو ۾ آ نہ تہ طاقت ڪهڙي"

**ڪلرُ، ج ڪلَرَ:** ذ. لوڻياڻي زمين، زمين جو مٿيون ڪارو تهہ، ڪاري مٽي.

"وٺون ڪِٽ وڪوڙيون ڪاري زهر ڪلر"

**ڪِلجڻ:** ڪِلڪائڻ، صاف ڪرڻ.

"اَنَ ڪِلجي پيو حق ناحق کي الڳ ڪري پيو"

**ڪِلڪِل:** ڪِر ڪِر، گهَپي، ٻائيتال.

"ڪُچين چو نہ تي دل، چِلن وار اوچا،
نہ ڪيهون نہ ڪِلڪِل"

**ڪلاڌاري:** ڪلا واري فنڪاره، ڪمادي ۽ ڪنواري، حسين عورت.

"ڪلاڌاري ڪُماري، نرتڪي يا ناتڪي،
اڄ اتائي ڳائڻي، ڪلھ بڪاري"

**ڪلا قطارڻ:** فن يا ڏاهپ ساڻ ڪٽڻ.

"وِڃا کي وَڃائي، ڪلا کي قطاري"

**ڪلياڻڪو، ج ڪلياڻڪا:** ذ. وڻندڙ لُياڻيندڙ امن پريو شانتي وارو.

"سِڪ ڪيم سُرندو ڳايم گيت ڪلياڻڪا"

**ڪليجي ۾ ڪاتي هجڻ:** اندر ۾ آزار هجڻ، هنئين ۾ وڍ پوڻ.

"ڇا پتو ٿئي تہ ڪليجي ۾ ڪا ڪاتي هوندي"

**ڪمرو، ج ڪمرا:** ذ. مختلف رنگن وارو چتڪبرو.

"هن جو پيلو هن جو نيلو
ڪنهن جو ڪارو ڪنهن جو ڪمرو"

**ڪم نِبرڻ:** ڪم اُڪلجڻ، ڪم پورو ٿيڻ.

"نہ ڪم نِبريو نہ غم نِبريو
جو نِبرِي ويو سو دم هُوندو"

**ڪمندُ، ج ڪمندَ:** ذ. واڙ، رسو، قيد، بندش.

"قدم قدم تي ڪمند ڪڙڪي،
قلم قلم تي ڪٽار ڪڙڪي"

**ڪمِي:** مزور، پورهيت شاعر.

"شاعري جي رمز ۾ ٿي شاعرو
قوم جا ڪڙمي ڪمي رازا ٿيو"

**ڪِنارو، ج ڪنارا:** ذ. ساحل، سهارو، آٿت.

"آهي ڪو جو اُلري ڪنارو ڏئي"

**ڪنارو سُڃاڻڻ:** آنت لهڻ، ماهيت معلوم ڪرڻ.

# ڪ

**ڪاتو:** ڪاپيو هارايو.
"ڪنهن ڪاپايو ڪو ڪاتو"
**ڪاتي:** ڪاپيل، هارايل.
"تي ڏور ھڏيسين تہ اجا ڪيڏي بہ نہ آ،
نزديڪ ڏٺيسين تہ هُو ڪاتي نڪتي"
**ڪاجا - ڪدر:** پِير خُواجہ خضر.
"تنهنجي منهنجي وچ ۾ ڪاجا - ڪدر پِير"
**ڪاڏ ڪائڻ:** خارش ڪرڻ، کُجلي ٿيڻ.
"ڪاڏ ڪائن، ڇُهندڀون پائن هنڌ وهاڻا ڇو؟"
**ڪاڏو:** ڪاڏِيءَ، ڄاڙي، ڪڏ، ڪُوبو
**ڪاڏو ڪوڙڻ:** ضعيفيءَ سبب منهن پر ڪِرڻ.
"وڇوڙو سوگهو ونگي، ڪوڙائيندءِ ڪاڏو"
**ڪار:** ڪارل، ٻن نسلن جو ميلاپ يا ڪار.
ٻسر، گڏ، گاڏڙ [خاص طور ڪُتو]. رقيب.
"عاشق ۽ معشوق مٿان تا، پونڪن ڪھُرا ڪار"
**ڪار:** ث. خار، ساڙ حسد، ڪاوڙ.
**ڪار ڪائڻ:** سڙڻ، حسد ڪرڻ، ڪاوڙجڻ.
"عاشق ۽ معشوق مٿان تا، ڪَهرا ڪائن ڪار"
**ڪارڪ. ج ڪارڪون:** ث. ڪجيءَ يا ڪجور
جو شڪل ڦَلُ، ڇُنهارو (خيرپورميرس
جي اديبن ڏي اشارو).
"ڪِيڪاريم ڪارڪ، سَگ سچاٽي سنڌ جو"
**ڪارُو ج ڪارُو:** ذ. ساڙ سڙيو خارباز
بدخواه، ويري
"ڪارُو خار کسيندو ساڻ زوري پيار وندبيندو ساڻ
پيچوڪين ڇڏيندو ساڻ آئون انسان آئون اُنسان"

**ڪاڪڙ:** گرا گنجا، للوپنجو خسيس، يا
گهٽ.
"پيڙ تي پڙڪي اٿيا، ڪاڪڙ ٿي نہ ڪتا"
**ڪامڻ:** پچڻ، سڙڻ، جلڻ.
"ڪام نہ جانان، سونهن ۾ سڪ جي،
راند رتيءَ ۾ مان ٿو ڪامان"
**ڪانياٽي. ج ڪانياٽيون:** ث. جهار هڪلڻ
جو اوزار، سُٽ جي نهيل گُليل، جنهن ۾
مِٽيءَ جو ڳوڙهو يا پٿر وجهي جهار
هڪلبي آهي، تاهيندڙ اُڏاريندڙ.
"ڳوٺ سڄو تي پيو آ، جهار،
اڪ سندس ڪانياٽي آ"
**ڪٿوري هٽڻ:** خوشبوءِ لڳائڻ، سُرهو بنائڻ،
پيار ڪرڻ.
"آءَ هڪبئي کي خوش ٿي ڪٿوري هٽون"
**ڪَجُور. ج ڪَجُورُون:** ث. ڪَجِيءَ جو ڦَلُ،
ڏوڏو.
"ڪيڪاريم ڪجور، مرڪي ماکي ميٺ سين"
**ڪدڙو ج ڪدڙا:** ذ. هيجڙو، نامرد، ٽين جنس بي
ثمر، بي لايہ
"ڪِن ڪيو پر سو بہ کهڙو احتجاج،
جهڙو تهڙو جڻ تہ ڪدڙو احتجاج"
**ڪَڙو:** ذ. بيٺو بيٺل
"گهڙي پهر ڪڙو رڳُون روح رڏيو وڃين"
**ڪِسر پُسر[ ڪِسر ڦُسر]:** سُر پُر، ڇُٽپُڻ، ڪَڙ
ڪَڙ، ڇُرپُر.

"اڇين ويسين عينڪين، گلگُون گلابي"
**گُلابي جذبو هجڻ:** رنگين احساس.
"رنگ آس جو سونهري، جذبي جو گلابي آ"
**گُلابي گُفتار هجڻ:** رنگين گفتگو هجڻ، وڻندڙ ڳالهه ٻولهه.
"گُلابي گفتار بخاري جي ياڳ ۾"
**گُلاب لفظ ڪيڻ:** سُهڻي گفتگو ڪرڻ، سَچي يا کَري ڳالهه چوڻ.
"گلاب لفظ ڪيان، تي پون رڳو تاندا"
**گُلدستو ج گُلدستا:** ذ. گلن جي مُٺ، گلن جو ڇڳو.
"گُلدستا، قول مالها، پريات جي تقاضا"
**گُلدستا گُهرڻ:** گُل گُهرڻ، گلن جهڙيون ڳالهيون/پيار گهرڻ.
"گُهريم گلدستا، اچي وچڙيم ڪانديرا"
**گُلچينُ ج گُلچينَ:** ذ. گُل پٽيندڙ يا چنيندڙ مالهي، باغبان.
"سنيال گلچين، نهار مالهي،
ڪلي ڪلي تي نہ پئي ڪتاري"
**گَنگهر گهوٽڻ:** دُک ڏرڻ، ظلم مِتائڻ.
"گهوٽ گنگهر جا گهوٽن گهوتا،
دنگن منگن ڏندا موتا"
**گُڻُ ج گُڻَ:** ذ. گُڻ، ڳُڻ، خصلت، خوبي.
"قرب ـ ڪشش ۾ اُپ ۽ پُون،
گردش ۾ ئي آهي گُن"
**گورُ ج گورَ:** ذ. ڇُڙواڳ، ٻي لغام، تاهڙ (ڊور).
"گهر گهر چري گور ٿيو جُوءِ سچي جمدُوت"
**گوڪُ ج گوڪَ:** ذ. خيال، پُور پهه، ويچار.
"تارن جي جهرمر ۾ منهنجا، جُهومڻ وارا گوڪ"
**گولُ ج گولَ:** ذ. ڪوه، ڌرتي، جهانُ.
"عشق عقل جي اور، سُرپُر ساري گول ۾"
**گُونجائڻ:** ٻرائڻ.
**گُونجڻ:** ٻرڻ، پڙاڏو ڪرڻ.
"گونجڻ ناهه گُناهه، اڃا عاشق آسرو"
**گُونگا غزل چيڙڻ:** اشاري ۾ راز نياز جون ڳالهيُون ڪرڻ، ميڄُن ۾ عشق محبت جون ڳالهيون ڪرڻ.
"دِيد سان گُونگا غزل چيڙِينَ پيا"
**گُونگي ج گُونگيون:** ث. ٻي زبان، خاموش، غافل، سُتل، غلام.
"گونگيون قومون ڪيتريون،
ٺهري ڏاڍ ڪُنيون"
**گؤشالو ج گؤشالا:** ذ. ڳئُن/ گاين جي رکڻ ۽ پالڻ جي جاءِ، ٻي زبانن جو هنڌ
"گهنگهر گهيريو گائون گائون،
گُونگن جو گؤ شالو"
**گيت جي جيت ٿيڻ:** گيت جي فتح ٿيڻ، گيت جو ڪٽي وڃڻ، شاعريءَ جي سوڀ ٿيڻ.
"رات ٿيو استاد ذات جو جهيڙو، جيت آخر گيت جي ٿي ڪامياب آئون آهيان"
**گِيتن کي گرمي ڏيڻ:** شعرن ۾ جوش پِرڻ، شاعري ۾ ولولو سمائڻ.
"گيتن کي گرمي ڏيان، رڳ رڳ ٻاري آڳ"
**گِيت گَجي وڄڻ:** گيت گونجڻ، شاعري

"ڳاڙهو ماس ڏئي جنهن ڳوڙي،
مٿي تنهنجو رنگ مٽايو"

**ڳوڙها ڪڙهڻ:** لڙڪ پڇڻ، لڙڪ رجهڻ.

**ڳوڙها ڳيتڻ:** لُڙڪ پيئڻ.

"ڳوڙها ڪڙهن اکين ۾، ڳيتي وڃون يا ڳاڙيون"

**ڳُوڙهي ڳالهه ڳنڍي وڃڻ:** فڪر يا گهري سوچ ويچار سان سلهاڙجڻ.

"اديون عشق انڌي، مون کي نُور نئون ڏنو
هئڻ حال ونڊي، ڳُوڙهي ڳالهه ڳنڍي وڌي"

**ڳُوڙهيون ڳنڍيون:** سُڪ/مضبوط ڳنڍيون.

"ڇُڙنديون ڇڇنديون ڪين ڪي،
ڳوپ ڳنڍيون ڳُوڙهيون"

**ڳُوٽين ڪان ڳورو{هجڻ}:** وڏو بار بي انت آزار.

"ڳُوٽين ڪان ڳورو سر تي سور ڪنيو وتان"

**ڳِئي هٽڻ:** يَخِي هٽڻ، جاڙي هٽڻ، بڪ ڪرڻ، وات هٽڻ.

"ٿڪي جڏهن ٿاتريو هٽِي ڳچ ڳِئي"

**ڳيرو ج ڳيرا:** پکيءَ جو نالو امن جي علامت ڳيرو.

"گولي ڪڙڪي ڳيرو ٿُورو
موڳي ٿاري جُهومي تي پئي"

**ڳيڙهه (ڳيڙا):** سست، ڏبرو ايرو ڪمزور، ضعيف، هيٺو.

"اٿي جهد جهاد ڪر، ڳِري تي نہ ڳيڙهه"

## گهه

**گهاتڪ . ج گهاتڪ:** ذ. گهائيندڙ گهاتي، فنا ڪندڙ، ماريندڙ نابود ڪندڙ قاتل

"گهايل ڳولن گهٽگهُرا، گهاتڪ ڳولن گهٽَ"

**گهاٽو. ج گهاٽو:** ذ. گهات لڳائيندڙ شڪاري، تربو مڇي ماريندڙ ميربحر، سمنڊ جو واقف.

"گهاتو نڪرن گُهتِ مان،
ڏانون نڪرن ڪُک مان تون مان ملنداسين"

**گهاگهائڻ:** ڪلڻ، مشڪڻ، نچڻ، ڪُڏڻ، ڏوڪڻ، همت ڪرڻ، وک وڌائڻ، سرسهائڻ.

"گهاگهائيندو پيو گُهمي، ويچارن وَڳَ"

**گهاڻو ج گهاڻا:** ذ. تيل پيڙڻ جي ڪل، چيچرو.

**گهاڻو گهائڻ:** ڏاڍ جي آزار کي ختم ڪرڻ، ظلم جي علامت کي ختم ڪرڻ.

"سوڍا سِنڌ سُجاڳ جا، گهائيندا گهاڻو"

**گهاڻو گُهمڻ:** ظلم ثيڻ، ڏاڍ ثيڻ.

"گُهمي پيو گهاڻو پيڙي ساري سنڌڙي"

**گهائُو:** گهاءُ ڪندڙ گهائيندڙ زخم ڪندڙ تيز تکو.

"هر جنين جي هٿ ۾، گهائُو جن گهوبا"

**گهپِيون:** ث. ڪُتيون، ٿُنبيون.

# ل

**لابارولاهڻ:** سڀ ڪجهہ لٽي وڃڻ, گهاٽڻ.

"لاباري تي ويندي ويندي لاهيندي وئي لابارو"

**لات:** قدِيم عرب جي ٽِن بُتن [لات, منات ۽ عزا] منجهان هڪ بُت.

"اجان پيو لات, مناتن جو احترام ٿئي"

**لات تي لکڻ:** روشني تي لکڻ, جوت تي لکڻ, جوهر تي لکڻ.

"سونهن جو جلوو ٿات- ٿئي جي لات تي لکجي"

**لات ڪرڻ:** روشن ڪرڻ, سُجاڳ ڪرڻ, سُجاڳي ڦهلائڻ.

"گهر گهر ڪري لات, مچُون ها تہ بچُون ها"

**لاٽڻ ج لاٽڻُون:** ث. گهر / ڇپر جي وچين ڪام, شهتير, ڪاچڻ.

"گُهنگهڻ لاٽِڻ کي پيو ڪاٽي,
چار ڪري چمڪار"

**لاٽِي ج لاٽِيُون:** ث. اُٺ جي نڪ ۾ مهار ٻڌڻ لاءِ پيل ڪاٺ يا لوهہ جي ناڪيلِي, پابندي, تسلط.

"زبري زور جَتن هَنئِين, لوءِ لوءِ کي لاٽِي"

**لالانگهرو. ج لالانگهرا:** ذ. آسرو سهارو.

"لاڪِيٽا لانگاهہ لکين تو لالانگهري"

**لال صُبح:** ڳاڙهو صبح, روشن صُبح, (انقلاب ڏانهن اشارو)

"تيڙُو تيتر تاٽ,
جيتر پُهچي جُوءِ ۾,
لال صُبح جي لاٽ"

**لامارو:** جهپ, جهٽ, والارو ڦيرو.

"هٽ ۾ ڏاتو ڪيچ ۾ ڪارو
وِڪ وِڪ لک جو لامارو"

**لامَ. ج لامُون:** ث. وڻ جي سنهي ٽاري, شاخ, ڏار (سچ جي لام: سچ جو لاڙو).

"سانجهي ڏاري سچ جون لامون ڏيندیون لَم"

**لانڊَ. ج لانڊُون:** ث. قطار اينگهہ, سنگهر, ديگهہ, طوالت.

"ڇنتائُن آ ٽاهِي ڇِت ۾, ڪِيلِيُن وارِي لانڊَ"

**لاوا:** Lava, ٻرندڙ جبل مان نڪرندڙ پِٽر جو گرم رس, باهہ.

**لاوا ڦڪڻ:** باهہ ڳِهڙُ, آگ اندر ۾ اوتڻ.

"ڇا سونهن ڪيم سرتي,
سمجهو تہ ڦڪيم لاوا"

**لاهارِي:** لهوارِي, هيٺ, هيٺانهينءَ ڏانهن.

"حيرت جي اونهي دريا ۾, لُڙهندي لاهارِي"

**لاهُوت:** صوفي درجي جي چوٿين منزل, ڪراچيءَ کان 36 ڪوهن جي مفاصلي تي هڪ زيارت گاهہ. هڪ مڪان جو نالو جوڳي فقيرن جو قسم, سنياسي, سيلاني, لوڪ تياڳي (هتي اشارو: انقلابي).

"مهاڄڙن ميڙا, لارايا لاهُوت تي"

**لاهُوتي:** لاهُوت پيٽِيندڙ.

"لئي تار وڃائي لاهوتي,
هر رات کي گُهربل گيت ڏيو"

**لوءِ لَڄائِڻ:** ديسُ جو مانُ وِڃائڻ، تڙ کي شرمسار ڪرڻ، وطن لڄائڻ.

"جو شخص وڃي لوءِ لَڄائي نـ وڃي"

**لوئِيارو. ج لوئِيارا:** ذ. لوءِ وارو ديس واسِي، ڌرتي وارو، مارُو لوڪ.

"لوئيارن کي لائڻ ليڪ،

ويڙهيچن ۾ آهي وِيڪ"

**لوئِي لُٽجڻ:** عزت لهڻ، مانُ کسجڻ.

"لُٽجن لويون، کنڊڙن پَٽڪا"

**لئي تار وڃائڻ:** سُر سان ساز ڇيڙڻ، ترتيب ۽ تنظيم سان ساز وڄائڻ

"هر سانجهـ کي گِيت سنگيت ڏيو

لـــئي تــــار وڃـــائي لاهُـــوتـــي"

**لِير. ج لِيرُون:** ث. اڱڙي، ڪپڙو.

"ماني، لِير، مڪان، ڪارڻ حيلا ڪيترا"

**لِيڪ لائڻ:** لِينگهو لڳائڻ، داغ ڏيڻ، بي مانو ڪرڻ، ٽڪو لائڻ.

"لوئيارن کي لائڻ لِيڪ،

ويڙهيچن ۾ آهي وِيڪ"

**ليکو. ج ليکا :** ذ. حِسابُ، ڪتاب.

"ليکن مَنجهـ لِکِين، سو تُون ڪِيئَن نـ سِڪِين"

**ليلَهرُ. ليلَهرَ:** ذ. ڦيڦو ڊِرو ڍِلو موچُو.

"لفظ کي مجبُور ليلهر فلسفا"

**لِينگهو. ج لِينگها:** ذ. ڪارنهَن، عيب، داغ.

"مٿخاني کي مُهتَمِر لينگها لاتا ها"

**لِيو. ج لِيا:** ذ. ليڪو گيهو (پيڙي هلڻ سان پاٽيءَ تي ٿهيل ليڪو)

"لهرن وِچ لِيو هينئر هوت وڃي پيو"

# م

**ماتابُ:** مهتاب، چند، روشني، آتشبازي

"محلاتين ماتاب، ڏوڏُو ڏمر نعرا ناچ"

**ماتم ڏيڻ:** ڏک ڏيڻ، روڄ راڙو ڏيڻ.

"يا پهچي چيرون چم چم ڏيو

يا وچڙي واڪا ماتم ڏيو"

**ماتمِي. ج ماتمِي:** ذ. ماتم يا سوڳ وارو ڪارو (لباس)

"ماتمي لٽا متان ڪرين منا،

ڏيهـ جي نظر ۾ تي نـ پئون ڏٺا"

**ماتو:** مون اُتو مون چيو.

"هڪ پيچرو پيو پر بـ ڪتياسين،

هاٽي مري وياسين ماتو"

**ماٽو. ج ماٽا:** ذ. مَٽ، متڪو.

"ميخانو مرگهٽ بنيو ماٽا گهيريا موت"

**ماٽ. ج ماٽُون:** ث. ماڪ، شبنم.

"پاند پکيڙيو مُکڙيون گُلڙا، ماٽ تي لکجي"

**ماٽ وسڻ:** خاموشي ڇانئجڻ.

"گهٽن جي گهرن ۾ وسيو گوڙهو

اسان جي اڱڻ تي وُٺي ماٽ هُئي"

**ماٽورو. ج ماٽورا:** ذ. مَٽڪو متڪو.

"آڇي ماتورو موکي مرڪ نہ ايترو"

**ماڃِي. ج ماڃِي:** ذ. ڪنواريتا، ڪنوار جي طرف جا آيل دعوتي، ڄاڃيءَ جو ضد.

"مِڙيئي ماڃِي، موکي، مئخانو مَتِي"

**مار:** ذ. نانگ

"ڪڏهن هار قطار ۾، ڪڏهن مالها مار"

**مارڪا:** معرڪو، محفل، ڪچهري

"ڪُچڻ مان ڪلياڻ ماڻين سگهندين مارڪا!"

**ماڙو. ج ماڙا:** ذ. مضبوط، پهلوان، بهادر، سگهارا.

"مڇ وڏيون واڇون،ماڙا مڙس ڳهيو وڃي"

"ماڙا ماڙا مڙس مري ويا،
ڳاڙها ڳاڙها ماس ڳري ويا"

**ماڙَ:** ث. واهُر، سهائِتا، مدد، رهنمائِي.

"تاهم عشق عقل جي ماڙ مدد مجبي"

**ماڪ ڪي مينهن ميڄڻ:** هڪ کي ٻيو ميڄڻ.

"ڇاڪاڻ ماڪ مينهن ميڄون؟ ڪجهہ ٻڌائجو"

**ماڪ وسائڻ:** روئڻ، لُڙڪ لاڙڻ.

"پيو تو يار وسائيان، ماڪ ڇئو يا مينهن"

**ماڳُ. ج ماڳَ:** ذ. ٺاڪ، علائقو، ڌرتي، وطن.

"آ ئون استاد ڏوڙ جو داٿو.
ماڳ جي مِهر موکيو آهيان"

**مالٺهورُ. ج مالٺهورَ:** ذ. منيءَ ۾ اسلام ڪوٽ جي وچ ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو ماڳ، مڪان.

"ميلو نانگن جو متو ماڳين مالٺهور"

**ماموري:** ج ماموريُون: ث. وچڙندڙ بيماري، مهلڪ بيماري

"مِڙي ماموريون،پکڙيون پائُر پَٽ تي"

**مانجڻ:** مانجڻ، ڌوئي صاف ڪرڻ، ملڻ، چمڪائڻ.

"اُوءِ اڇي استاد جي، ميريون مانجيا هُو"

**مانڊوو. ج مانڊوا:** ذ. مانڊو سائبانُ، شاميانو وڏو تنبو.

"پانيُون مُنڊي مانڊوو سوچون سُورج رَڇُ"

**مانگہ ج مانگُون:** ث. سِينڌ، نَٽِ کي جَهلڻ لاءِ وارن ۾ اڻڪايل ڳُهُ.

"جڻ ڏُهاڳڻ جا ڪِري پيا هار مانگ"

**مانگر. ج مانگرَ:** ذ. پاڻيءَ جو جانور، وڏو مڇ، مانگر مڇ، ظالم.

"مانگر تي ماڙيوَ سيسر کي ساٿي ڪري"

**ماوو[مائو]. ج ماوا:** ذ. نيرو سُرمائِي.

"چمر: چڊڙا ڪارڙا، ميرانجها ماوا"

**ماهو. ج ماها:** ذ. قتل، جنگ، خون، مصيبت، ڪوس، موت پوڻ، ماهي مال جي بيماري

"مايا جا ماها، ڪايا ٿهر ڪلُور ۾"

"وِڪوڙي وادِي،ماموري ماها ڪري"

**مَتِ ڏڪجڻ:** عقل خطا ٿيڻ، مَتِ منجهڻ.

"عقل مت شرم ٿئي ڏڪجي پيا،
پاڻ تي استاد وار ايڏو نہ ڪر"

**مَتِ ڏيڻ:** مشورو ڏيڻ، راءِ ڏيڻ.

"موکي تو ماري وڏا،مت ڏئي متارا"

**محرم ٿيڻ، هجڻ:** ماتم مچڻ.

"مظلُومن جي گهر ۾ تر ۾،
سال سَجوئي محرم ٿئي تو"

**مُحرقو. ج مُحرقا:** ذ. وڏو بُخار سخت تپُ.
”موسم وتو محرقو وِڦلي پيو وايو“
**مَحشر کٽڻ:** وڏو هُل ڪرڻ.زور شور سان وڙهڻ.
”گوڙ ڏاڍو آهه آڏو مان چوان
تو پاڻ سان محشر کٽو“
**مَحلُ. ج مَحلَ :** ذ. ماڙي، وڏي عِمارت. (امِيرن ڏانهن اشارو).
”مان راڳ ڪٿي ويس مَنهن ڏي،
ماتام مچي ويو محلن ۾“
**مچن تي مستان ٿيڻ:** اندر ۾ آتش ٻرڻ.
”من ۾ ٻارج مچ، يا مچن تي مستان ٿي“
**مچُ. ج مَچَ:** ذ. مانگر، واڳون.
”مچ موت بچي تنهن کان اڳي ڪيس مُڇون ها“
**مچ مُچڻ:** مانگرُ مارڻ.ظالم کي ناسُ ڪرڻ.
**مُچڻ:** مُنڍڻ، مارڻ.ختم ڪرڻ.
”سيڻي مَچ مُچان.ڪلاچيءَ کان ڪونڙي“
**مَدو سوچڻ:** خراب سوچڻ، برو سوچڻ، منفي سوچڻ.
”مدو سوچڻ مار.سُوڙو هار سُڏار جو“
**مُرادون مهمان هجڻ:** اُميدون عارضي هجڻ.
”مُرادون مهمان، لُڇي ڇيڄ وِجهي ويون“
**مرجاتِ:** ث. عزت، لحاظ. عزت وارو ورتاءُ، مريادا.
”ماڻهو جي مرجات نه مرڻي، ماڻهو موڪيندو“
**مرجانُ. ج مرجانَ:** ذ. قِيمتِي ڳاڙهو پٿر. (اصطلاحي معنيٰ: اُتم سوچُون، معيارِي شعر).
”مون آڇيا مرجان، ادب سان اتهاس کي“
**مَرگُ. ج مَرگَ:** ذ. مرگ، موت. ڪال، اجل، شهادت.
”وهه وٺيو وينگس مرڪي پنهنجي مرگ تي“
**مَرگهَٽ:** موت گهاٽ،مُقام، مساڻ شمشان
”ميخانو مرگهٽ بنيو،ماتا گهيريا موت“
”ماٺ مُنجي مَرگهٽ، متان موت مري وڃون“
**مِسلول:** سِلهه ورتل.
”ماستر مِسلول ڪو اسڪول ۾ سهڪي به ڇو؟“
**مُرڪ ڏِڪڻ:**[1]بظاهر خوش نظر اچڻ، مرڪي درد لڪائڻ.
”ٻاهر مُرڪ ڏِڪڻ، اندر دلڙي ديگڙي“
**مُرڪ ڏِڪڻ:**[2] مُرڪ اوڙهڻ. مُرڪ کي اوٽ بنائڻ.
”مُرڪ ڏِڪي پيو وار ڪيائين،
حُسن پرست به سڏجين ٿو“
**مُرلِي. ج مُرلِيون:** ث. وات سان وڄائجندڙ/ ڦوڪ وارو. ڪنگور مان ٺهيل ساز. هڪ سان جاڳرتا جي صدا.
”موڳيون مُرليون جوڳي جت،
ڳلي ڳلي کي سوگها ڳت“
**مرڻ مُند نه ڏسڻ:** ڪنهن به وقت مرڻ، مرڻ لاءِ موسم نه ڏسڻ.
”جِيان سِج جِيان،مرڻ مند نه ڏسان مان“
**مِرون:** سُوئر، خنزِير، گهائيندڙ.
”مِرُون کي مُهلت ملي،وانا ونرائين“

**مزا نسرڻ:** لُطف وٺڻ،لذتون اچڻ،خوشي ملڻ.

"مزا پيا استاد جي نس نس ۾ نِسرِي"

**مسهري:** پلنگ

"مهڪي مسهري هتي، مون پانيو مون وٽ"

**مُسڻ:** مُرجهڻ، مرجهائڻ، ڪومائجڻ.

"ٻوٽن دل ۾ ڊاءَ،متان مهڪ مُسِي وڃي"

**مَسهُو:** نـ سهندڙ ساڙولو.

"ساٿ پرپور ڏي حياتي تون،
موت مشهور آ تـ مَسهُو آ"

**مشالُ ج مشالَ:** ذ. مشعل، روشني، سُجاڳي.

"نوان مشال، نيون روشنيون، نوان شعلا"

**مڪتبُ ج مڪتبَ:** ذ. لکڻ پڙهڻ جي جاءِ، عِلم جو ادارو ابتدائي اسڪول، ڪتاب

"مئخانا مڪتب، ٽُوٽيُون تنب اُتِي پيا"

**مکڻ چاٽو:** مکڻ جو تيرو (چاتين ڏانهن اشارو)

"مکڻ چاٽا هٿ ۾، چپ تي ماڪي لار"

**مگر:** پر، ليڪن، چوندو تـ سڀ ڪو آ ليڪن اها ڳالهہ مڃائڻ لاءِ مگر ڪپي ٿو.

"چئي هرڪو ڏيندو آ، مڃائڻ لئہ مگر گُهرجي"

**مگُر ج مگَر:** ذ. چارا، رستا، واٽون.

"گهر تڙ تاسارا،ماڻهو مگر اُڃ ۾"

**مگُ ج مگَ:** ذ. دالين (اناج) جو هڪ قسم مگ جي وزن جيتري رَتِيءَ جو چوٿون حصو.

"منهنجو حصو مُگُ، ڦصو مختصر"

**مَلُورُ ج مَلُورَ:** ذ. مَلُول، مغموم، غمگين، اُداس.

"جي تو ڪوليان سِنڌ جا سڀ بخاري سُور،
ساگر پڙڪن ديڳڙا، ٺَڪر چڪنا چُور،
ملائڪ مَلُور، قادر تو هي چا ڪيو"

**مَلِي ج مَلِيون:** ث. گلي جي بيماريءَ جو هڪ قسم.

"ڳِري پوَندَو ڳلفڙا،موذي مرض مَلِي"

**مُلڪ مسِيت ٽيڻ:** ملڪ مسجد وانگر پاڪ هجڻ، نيڪ ڪمُ لاءِ پُڪارڻ وارو هنڌُ.

"مون لئہ ملڪ مسِيت ٽيو وانگي بانگ وڃان"

**مَنات:**قديم عرب جي ٽن بُتن [لات،منات ۽ عزا] مان هڪ بُت جو نالو (اصطلاحي معنيٰ:آمِير ماڻهو).

"اڄان پيو لات، مناتن جو احترام ٿئي"

**منجهہ:** رازُ ڳُجهہ، ڀيد

"ڏُجڻ مَنجهہ نـ ڏيج، ڪو سجڻ سَل عذاب"

**مندر:** جيڪڏهن بہ پٽون ڪنهن ڪنڌ تي پاڻ ۾ گڏيل هونديون تـ انهيءَ گڏيل هنڌ جي ويجهو هيناهينءَ زمين جي ڀاڱي کي 'مندر' چئبو آهي. اهڙي طرح جيڪڏهن ٻن پٽن جي وچ ۾ گهٽو مفاصلو نـ آهي ۽ زمين بـ ڪجهہ وارياسي آهي تـ اهڙي ٿوري وارياسي سوڙهي زمين واري ٽڪر کي "مڙهو" چئبو آهي (تاريخ ريگستان ص

24 ياڳوبيو)

"مڙهو مندر تر، تلي آفاتن تاڙيو"

**مُند جو ميوو ڪائڻ:** جوين جو واس ونڻ.

"توڙي جِيون جُهور، ميوا ڪاڏمر مُند جا"

**مندا دلِيل ڏيڻ:** ڪمزور دليل ڏيڻ، اجايو رد ڪد ڏيڻ، جڏا دليل ڏيڻ، فُضول بحث ڪرڻ.

"ڏيو نہ هڪبٽي سان لڙڻ جي واسطي، محترم ايڊيٽرو مندا دلِيل"

**منصُور:** حسين بن منصُور حلاج. جوڌو جُنگ جوان.

"منصُور سپ جُلُوس ۾ حملو ڪري هليا"

**منگهٽو. ج منگهٽا:** ذ. ماکي لاهڻ لاءِ لوٽو يا ڪِنگري، جنهن ۾ دُونهون ڪڄي.

"چنگ، ڪهاڙي، منگهٽو

سيٺهہ سپ ڪنهن ساڻ"

**مَنهن. ج مَنهَن:** ذ. چِپرُ. (چپر وارا. عام عوام).

"مان راڳ ڪٽي ويس مَنهَن ڏي،

ماتام مچي ويو محلن ۾"

**مُنَ لاهڻ:** بيعزتي ڪرڻ، گهتتائي ڪرڻ، زور گهتائڻ، مانُ لاهڻ.

"مس مس مارا تنهنجا لاٿا، منهنجي مارُن مُن"

**مُهائين:** ذ. مٿيرن، بهادرن.

"مُهائين ۾ مچ، ڪاسائين ۾ چيلڙا"

**مَنهن مَڏ اُٿڻ:** عام خاص جو جاڳڻ يا سُجاڳ ٿيڻ.

"اٿيا مَنهن مَڏ، چارا چۃ نڪ ڊُڪي پيا"

**مَڻ. ج مٽيون:** ث. نانگ جو مُهرُ، ڏيا، هشمت، جوت، مٽيو موتي، مٽڪو.

"سوچيو ڪن ڦاڙ جوڳي سچيو مڻ ڳهي سوگهي ڪئِي واسينگ نانگ"

**مٽهيارُ. ج مٽهيارَ:** ذ. مَڻ وارا، ڏيا وارا، همت وارا.

"جي پانيون جوڳي ٿيون مڻ وارا مٽهيار"

**مٽهيارو. ج مٽهيارا:** ذ. مٽهيارِي وارو، سينگارُ يا زَري وغيره جو سامان وڪڻندڙ.

"ڪوڏيون مٽڪا ماڻڪ لال،

پيش پرين جي ههڙا جال،

مارونڙن جو مٽهيارو"

**مٽيا:** ث. ڏيا، هشمتَ، جوت، همت.

"ماها ڪير مکڻ، مُنهن ۾ پو بہ مٽيا گهٽي"

**موت حياتي بنجڻ:** موت ڪان پوءِ زنده رهڻ، نالو رهڻ، امر بنجڻ.

"موت حياتي بنجي، دوزخ جنت ٿئي، هاڻ بخاري اهڙو سپنو اُٿندو هان"

**موتي:** خوبصورت خيال، فڪر انگيز شعر.

"وينجهر تنهنجي وس، برسيا موتي ماڳ تي"

**موڏو:** متي ڪوريل، بِنا سِڱن جي.

**موڏن:** ذ. پڙڪ نہ ڪُچندڙن، جوڌن، دليرن.

"جن بانا ڪاڏا بوتا تي،

تن توڏن موڏن جي آهي"

**مورُ. ج موڙ:** ذ. پکيءَ جو نالو سهٽو (اصطلاحي معنيٰ: مورڙي جا بهادر

**مها ڪوِي:** وڏو شاعر. (شاهه لطيف ڏانهن اِشارو).

"گهيري ويا گوڏا، مها ڪويءَ ڪنڌ ڪي"

**مُهاڳ.** ج **مُهاڳ:** ذ. آڳ، اڳيون پاسو شُروعات، اڳياڙي.

"پيا ملاڻن سُر پنيان هڪ چڪي اڳ ۾ مهاڳ"

**مهانگَ** ج **مهانگ:** ذ. ڳرو آگهه، ڏُڪار ڪوٽ.

"ماريو آ غَيور مردن جي مهانگ"

**مُهتَ** ج **مُهتَ:** ذ. عزت، مانُ.

"هر عزم اُچي ڪي مُهت مِلي"

**مُهتَمِمَ.** ج **مُهتَمِمَ:** ذ. مُنتَظِم، بندوبست ڪندڙ.

"مئخاني ڪي مُهتَمِم، لينگها لاتا ها"

**مِهرِي** ج **مِهرِيُون:** ث. مِهَر ڪندڙ مهربانُ، محبُوبه معشُوقه عورت.

"مِهرِيءِ ماڪِي بعضي آرُ انڌو ڪري"

**مُهلَڻ:** سُوئر جو زمين کي گُٻڻ، کوٽڻ، فصل خراب ڪرڻ. (تنهن سبب سونهن جو بِگڙڻ يا خراب ٿيڻ).

"خُشڪ تنهن خنزير هوائن،
سونهن سُگنڌ کي مُهلي ماريو"

**مهل ملهائڻ:** موقعي موجب نِباهڻ، وقت تي بهادري ڏيکارڻ.

"پَل پَل جي پُوڪار لوءِ لوءِ جي للڪار
ڪير ڪنائي، مهل ملهائي"

**مُهم.** ج **مُهمُون:** ث. مشڪل ڪم ڪارنامي جهڙو وڏو ڪم.

"ماڻهو مُهم مهان تي، هتڪيو ناهه هڏهن"

**مهمائون ڳائڻ:** ساراهون ڪرڻ، وڏايون بيان ڪرڻ.

"ڳائڻ ڳوٺ ڳليون، مهمائون هن ماڳ جون"

**مهوڙ:** ڦوٽ جو جواب، ڦوٽ، ڦِٽڪار نفرت، ڪِروڌ.

"چُنڊري چور پچور،
ڪوٺيون جنهن کي قُرب مان.
مِلي موٽ مهوڙ"

**مهوڙُ** ج **مهوڙ:** ذ. زور، جوپ، زياده.

"چياٽين شين جون بهائون مهوڙ"

**مِهمانُ** ج **مهمانَ:** ذ. پَل ڪَن لاءِ ترسندڙ ٻاهران آيل، ڏاريو.

"مهمانن جي گوڙ ۾ تڏ تي،
گهر جا پاتي جاڳي پياهِن"

**مهونگڙا[مُنهن گڙا]:** ذ. چُنڊرن جا در.

"نِوڙي مٿن مهونگڙا، ناريون توڙي نر"

**مئخانو** [1]. ج **مئخانا:** ذ. شراب خانو مُقابلي جي جاءِ.

"مئخانو ماٽي، هاٽي جوان جَرِي هليا"

**مئخانو**[2]. ج **مئخانا:** ذ. شراب خانو.

"مئخانا، مڪتب، ٹُوٽيُون تنبُ اُتي پيا"

**مئو، مئو:** ذ. نشو، خُمار، موج، مستي.

"محفل مد مئو مستي تَنبُ تنبُور"

**مُئل بيت:** غير معياري، بي مقصد يا آڪارج شعر، زنده نه رهندڙ شاعري.

"هڪ زندهه گيت پلو سئو مئلن بيتن کان"

**ميا:** ماپيا، اندازا ڪيا.

**ناءِ:** نہ آءِ، نہ آئُون.
"ننڊ اگھوڙي ناءِ، جاني مُنهنجي جھول ۾"
**نائُو:** نائُون مل، ڪُڏو تاريخي ڪردار، جنهن سنڌ سان غداري ڪئي، ڌوڪيباز غدار.
"چُونڊيو جو چنڊُ، هوشُو نائُو اُهو تئي تو"
**نايڻ[نائڻ]:** اوتڻ، لاهڻ، سمائڻ.
"سمنڊ کي گھاگھر ۾ نايان تہ چوءِ؟"
**نايو:** نہ آيو.
"جڳ ۾ تہ نظر نايو آ، جڳپال مون کي سانجھہ نايو صبح ايندو صبح نايو شام من پُهچي"
**نِيارُ ج نِيارَ:** ڏ. نِڄُ، اصلي، صاف، سچو کَرو.
"تقدير ۽ تدبير، ٻانهيُون، نينهن نِيار جون"
**نَبيسَر:** ٿر واري علائقي [عُمر ڪوٽ ضلعي] ۾ هڪ ڍنڍ ۽ ڳوٺ جو نالو.
"سِيني تي پٿُون سهٽيُون،
چولي تي وليُون سهٽيُون، نظرن ۾ نبيسر آن"
**نَتيجو نَتائِڻ:** نتيجي ڪان لَنوائڻ، اَوس ٿيڻ کان مُنهن موڙڻ.
"نتِيجو نَتائي، ڪٽي لک لَنوائي"
**نپُٽو ج نپُٽا:** ڏ. بي اولاد، جنهن کي پُٽ اولاد نہ هجي. نياڳو بدبخت.
"سِٽ ڏاران تہ ـ سِتا،
ٻئي جي گھر بي گھر جِئين ـ
نَر ـ ناري نپُٽا"
**نپڻ:** ڳنڍڻ، ملائڻ، جوڙڻ.

"سهڪُون يا سُس پُس ڪريُون،
يا چَپ ٽپي چُھٽُون"
**نَجِيھہ:** ڏ. گھٽ، تورو.
"جِيئڻ جِيئڻ نَجِيھہ، ڏينهون ڏينهن ٿئي"
**نَحسُ ج نَحسَ:** ڏ. نياڳو.
"لُونءِ لُونءِ جي لَڇ پڇ کي آچين نحس نَشا"
**نِڏَڪُ ج نِڏَڪَ:** ڏ. پڪو ڏڪڙول، بي خوف، نرڄو بي چيو بي وسيلو.
"نِڏَڪُ نَنگو نينهن، وَڏَڪ ووڙيندو وَتي"
**نِرَنگو ج نِرَنگَ:** ڏ. بي رَنگ، بِنا رنگ، نِرالو.
"نينهن نِرنگو رنگہ پرکڻ سان پکڙيون وڃي"
**نِرواڻُ ج نِرواڻَ:** ڏ. ڇوٽڪارو نِجات.
"نِرهہ وَٽان نِرواڻ پرايم، گرڻ مَنجھاران گسُ"
**نرجو[نرلجو] ج نرجا:** ڏ. بي حَيا، نَڪ جو ڏاڍو اڻ پَليو.
"نرجا نِگھبانُ، سمجھين پو بہ مُڙين نہ تو"
**نِرھُہ ج نِرھَہ:** ڏ. نِراس، اُداس، مايُوس.
"ڪِري نِرھہ نِڪُونجھ ۾، گھورن مانجھي گھيرَ"
**نُسخا ڪيڻ:** عِلاج ڳولڻ، حَلُ تلاش ڪرڻ، ڇوٽڪارو جاچڻ.
"هي ڌرتي لڳاتار بيمار آهي،
ڪي ڪايا پلٽ يار نُسخا ڪيو"
**نِسنگُ ج نِسنگ:** ڏ. بي ڊپو نِڌَرُ بيباڪ، بهادُر.
"چارئي پار چمڪ، نِکري نينهن نِسنگ جي"
**نِسرڻ:** پچڻ، پچي وڃڻ، سُسڻ، گھٽ ٿيڻ، ختم ٿيڻ.

"ناهيان نانهَن نِسِي وچان، آهيان آنهَن اڏول"

**نِشانُ ڇُٽڻ:** مُقابلو ڪرڻ، مُنهَن ڏيڻ.

"وات ڦاڙي حادثا بيشڪ اچن،

سچ پُڇو نيشان ڇُٽڻ ۾ ا مزو"

**نَشئِي ناڪٺا:** غافل، ناسمجهہ يا بي شعُور اڳواڻ.

"ٻُڏن پيا ٻيڙا،نَچن نَشئِي ناڪٺا"

**نَقشا جوڙڻ:** تعمير لاءِ رٿابندي ڪرڻ.

"تہ جنت جا جوڙيندا نقشا تہ اهيون"

**نِڪُونجهہ[نِڪُونج]:** ڪُنُ، ڀنوَرُ، اُونهو پاڻي.

"ڪِري نِرهہ نِڪُونجهہ ۾

گهورِن مانجهي گهيرَ"

**نِگار:** معشوق، محبُوب، تصوير، چِٽ.

"ڪچين چيلهہ ڪتار نَچين پيلهہ نِگار سان"

**نُگرو [نِگرو=نِہ + گُرو]. ج نُگرا:** ذ. بي گُرو نِدورا، نِياڳا، خطرناڪ، ضِدِي، نہ ڇڏيندڙ.

"ڪانئر هرڻ ڪيترا، ناهِر نُگرا سُورَ"

**نِڳِي:** ث. نِڪتِي، ٻاهر آئِي.

"ٻُوءِ گُل مان نِڳِي تہ نَنگِي هُئي"

**نِمرو. ج نِمرا:** ذ. چڱو ڀلو تندرست، تازو توانو.

"نَئون نِمرو نُور،وَهلو سُور وَڍي سگهي"

**نِناٺو [نِناٺون] ج نِناوان:** ذ. بي نانءُ، بُڇڙو ڪراهت ڏيندڙ

"ڏِيري ڏِيري تي ويا،نِناوان ناسُور"

**نِنڊ. ج نِنڊُون:** ث. سمهڻ واري حالت، گهيرٽ، ناسمجهي، بي شعُورِي.

"نِنڊ آ ڏاڍي نِدورِي،نِنڊ ۾ ڏاڍو نِياڳ"

**نِنڊ جا ڦِيٽا وجهڻ:** غافل بنائڻ.

"شاعري آهي سُجاڳِيءَ جو پيامُ

نِنڊ جا ڦِيٽا مٿس پڙهبا تہ ڇا؟"

**نِنڊ جون تيلهيُون لڳائڻ:** غافل ڪرڻ، بي شعُورِي ۾ مبتلا ڪرڻ.

"نِنڊ جون تيلهيُون لڳايُون تيون وچن"

**نَنڍڙا گِدرا:** گدريون (اُرهَن ڏيِ اِشارو)

"ننڍڙا گِدرا هٿ ۾،ڇَپ تي ڇاهِين ڦاڪ"

**نَوان ٽُور:** نَوان نَسُلَ، پويان، پوچ.

"توکي نَوان ٽُور، ساڙي وِجهندا سمنڊ ۾"

**نَوازش. ج نَوازِشون:** ث. مهرباني،اِحسانُ. [طنز طور ڇَيل ۽ اشارو ظُلم ڏانهن آهي].

"تاتارين جي سِنڌ تي نِت نِت نَوازِش"

**نَوان گِيت ڦُٽڻ:** نَئين ۽ معيارِي شاعريءَ جو جنم وٺڻ.[بُخاري جي دوَر ڪان پوءِ جي شاعِري ڏي اشارو].

"ڪي نَوان گِيت،نَوان چيٽ ڦُٽا هوندا"

**نَو۔ نيشا:** نَوَ ڏَندا، خطرناڪ، ظالم.

"نيٺ تہ نَوَ۔ نيشا،مرندين ريشو ريش تي"

**نوتو. ج نوتا:** ذ. پيغام،خط،نياپو.

"ناز مُڪو نوتوآيو گُهرجي اوچتو"

"نِت نِت پئِي نوتا، پِرهہ مون پاران ڏجان"

**نُوتَڻ:** ٻُوتَڻ، بند ڪرڻ.

"نہ تہ نُوتي نيٹن کي،اونداهو اولو ڪبو"

**نوحا ڳارائڻ:** ڏُکن جو ذڪر کولرائڻ، سُورن جي ٻچار ڪرڻ.

**نيڻ لاهيارا هُجڻ:** نيڻن جو قاتل هجڻ، گهائيندڙ نيڻ هجڻ.

"نيڻ لاهيارا پرون ڏاتا تِکا"

**نيهي ج نيهي:** ذ. ڳاهه ڳاهڻ لاءِ ٻار جي وچ تي کوڙيل سَگهي ڪاٺي 'نيهه' سڏبي

آهي ۽ نيهه سان ڳنڍ ٻڌل ڏِگو نيهي سڏبو آهي، جيڪو ٻين سيني ڏگن کي ترتيب ۽ تنظيم ۾ وهڻ تي مجبور ڪندو آهي.

مطلب: مضبُوط پڪو پُختو.

"نيهي ناتا ها منهنجا توسان ماٺيا"

# و

**وات تي اُڪرڻ:** ماڻهن جي زبان ڳالهيون رهجي وڃڻ. ماڻهن ۾ تذڪرو پيدا ڪرڻ، نالو بيهارڻ، مچتا ماڻڻ.

"هر وات تي اُڪري تو
هر گهاٽ تي گُونجي تو
ڪُجه تو بہ ٻڌو هُوندو"

**وات تي بات بيهارڻ:** ڳالهه تي پڪو بيهڻ، پاڻ مچائڻ.

"وات تي بات بيهارڻ سولي نہ آ"

**وات لُغت:** گُفتگُو لاءِ لفظن جو ذخيرو ڳالهه ٻولهه وارا.

"لوڪو اُن جي وات لُغت ۾ چو ناهي چاڪاڻ"

**واتوڙو يا واتُوڙيو:** وات هٽندڙ.

"واتُوريو وهمِي، مَولا مَهرِي موڪلِي"

**واتُون ڪرڻ:** رستا ڪيڻ، حل ڳولڻ.

"ترتيب ۽ تنظيم سان واتُون ڪريون"

**وات واسِينگ هُجڻ:** خطرناڪ راهه هُجڻ، مُشڪل پيچرا هجڻ.

"واسِينگ آهي وات، ڪوئي دوڙي ڪيترو"

**واٽو ج واٽا:** ذ. مِرُون مارِيندڙ شُوئر جو شڪاري ڏاڍي سان لڙندڙ وٽ ڪندڙ

**واٽا وٽرائڻ:** مِرُون پڪڙيندڙ کي پڪڙائڻ، ڏاڍي سان لڙندڙ کي قيد ڪرائڻ.

"مِرُن کي مُهلت مِلي، واٽا وٽرائِين"

**واجهہ ج واجُهون:** ٿلهو رسو نوڙ وجهہ (واجهائڻ مان واجهہ).

"وهمن وارِي واجَهہ ڪيئن تي ٻُوجهہ ٻَجهي"

**واڊ ج واڊون:** ث. رَسِي، نوڙي، ورت، ڳارو.

"ڪُهنا ٿهر ڪَڙيندو نيٺ،
وقت نِڪوري واڊ وَٽِي"

**واڊا ڪيڻ:** وِڍيندڙ هڪالي ڪيڻ ظالم کي تڙڻ، ظُلم ختم ڪرڻ.

"بخاري وجي پهريان واڊا ڪيو"

**واسُ ترڻ:** خوشبوءِ رهڻ، نالو رهڻ، نيڪي بچڻ، ڪردار ڪم رهجي وڃڻ.

"ميهر جو ٻُڏي ماس ويو واسُ تريو آ"

**واڪا ڳيتائڻ:** آواز ڳهائڻ، آواز گهُٽڻ

"نيٺ واڪا ڳوٺ ڪان ڳيتائبا پر ڪيتري تائين"

**وامڻ:** طُوفان وقت ٻيڙيءَ کي ٻُڏڻ کان بچائڻ لاءِ اُن ۾ پريل مال، سامان لاهي

**وِهڪيلُ:** ڪِير ڏيڻ ڪان ٻيهي ويل.
"گهر ٻَئَل وِهڪيل ٿِگي،ڪمزور ڏاند"
**وَهَوَل:** ث. دهل جي وڄت جو نمونو شاديءَ جي ناچ، خوشيءَ لاءِ دهل جي وڄت.
"پهنوارن پِتڪو پرمارن وَهَوَلَ وَڏي"
**وَهُون:** زالُون، گهر واريون.
"ڪُوندر ڪنڌ ڪٽِي وڏون، واهر ٿين وَهُون"
**وَهِي هارڻ:** جوين گارڻ، حياتي وِڃائڻ، زندگي ضايع ڪرڻ.
"جو پچِري پاڻ پگهارِين ٿو
جو ٿُوهہ وهِي هِيئن هارين ٿو"
**وَئِرتُ.** ج **وَئِرتَ:** ذ. اجايو فُضول،بي سُود.
"چاهت ۾ اُستاد چئي، وَئِرت وقت پچار"
**وِيجَهِجَڻ:** وَڌڻ، زياده ٿيڻ.
"داٽو داٽو وِيجَهِجي،ڏرتي ساماٽي"
**وِيجِهي ڇَڪَ:** اوسي پاسي، ويجهو نزديڪ.
"ڏاران شوق پري پوان هُوتان ويجِهي ڇَڪَ"
**ويچاروڪرڻ:** مجبُور يا لاچار بنائڻ.
"عشق ارڏو چو ٿو ويچارو ڪرين"
**ويچڻ:** ڪَپائڻ، وِڪرو ڪرڻ.
"يا شهر جي بنگلي تي،
انگ انگ اُمنگن جو
بي سوچ ڇڏئين ويچي"
**وِيرُ[وَئير].** ج **وِيرَ:** ذ. وَٽِ،ڏاڻقو.
"رات ڪرايو وَير،اُلفت جا اُستاد کي"
**وِيرُوتار:** (ويرن وانگر تار) سدائين، هميشہ، ساندهہ.
"ويروتار وَگِي،منهنجو ماڳ جَهانُ ۾"
"ويرو تار وَهان، آهڙو آرُ اچي ڪو"
**وِيرِي پَچَڻ:** وِٿي ختم ڪرڻ، اختلاف ڇڏڻ،اِتحاد ڪرڻ، ويري (ديوار) ڍاهڻ.
"ويرَ واريُون وِچ منجهان وِيرِي پَچُون"
**ويرِيُن وَٽ وَڃَڻُ:** دُشمنن آڏو بهادريءَ سان لڙڻ، دشمنن جو هاڪاري مُقابلو ڪرڻ، دشمن وٽ ڳالهيون هلڻ
"ويرين وٽ وَڃان،گوڙون مينهن ڳڙا ڪري"
**وِيڳُ.** ج **وِيڳَ:** ذ. درد، سُور، اهنج، مرض.
"ڏيهاٽا ڏاها،ويڳن ويگاٽا ڪيا"
**وِينجَهرُ** [1]. ج **وِينجَهرَ:** ذ. موتي پوئيندڙ وينجهار ڳهن تي نگ/ٽڪون مڙهيندڙ پارکُو (تخليقڪار شاعر).
"وِينجَهر تنهنجو فَنُ، غَني ٿُوءِ غرِيبڙو"
"وِينجَهر ايڏي وِنڌَ،ڇَپَر هٿ پَڇي پِيئہ"
**وِينجَهر[2].** ج **وِينجَهرَ:** ذ. جوهرِي، وينجهار جَواهرات جي پرک رکندڙ (نقاد، ٻوليءَ جو ماهر).
"آڪر آڪر پُڪراج، وِينجَهر پُر جهي جي ڏسو"
**وِيڪَ.** ج **وِيڪُون:** ث. عيب، نُقص.
"لوئِيارن کي لائڻ لِيڪ،ويڙهيچن ۾ آهي وِيڪ"
**وِيلڙو.** ج **وِيلڙا:** ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم جيڪا خطرناڪ ٿيندي آهي، ان کي وڏي مڇي کائيندي آهي تہ ان کي بہ پيٽ ۾ تنگ ڪري ماري وجهندي آهي. ڏُکوئيندڙ خطرناڪ.
"زندگي ڪِٿ وِيلڙو ڪِٿ جل- پري"

واٽڙپ،ناسمجهي.
"او هيڏي هڙٻڙ جيڏيءَ کي جيڏو چوين"
**هَڙهُه ج هَڙهَه:** ذ. مينهن جوپاڻي، ڏاڍو مينهن.
"هي هَڙهُه هاسا، چڙهه چوماسا،
مستي موج ملهايا"
**هَسوار:** سُوار. گهوڙي سوار چڙهڻ.
"جهنگل منگل سير اسانجا، هوش هوا، هسوار"
"اسين توٽي هسوار آهيون سو آهيون"
**هَشامُ ج هَشامَ:** ذ. انبوهه، خلق، عوام.
"هوش هن جو هَشام سان هُوندو"
**هِڳدو ج هِڳدا:** ذ. گوڙ فساد، ڏوهه، ٽڳي، دوکو.
"سازش تي سازش، هِڳدي تي هِڳدو"
**هُڳساڻ ج هُڳساڻون:** ث. سرهاڻ، خوشبو سُڳنڌ
"واهوندا، هُڳساڻون هِيرُون، تيز تِکا طُوفان"
**هَمُون:** هميشه، گهڻو ڪري،اڪثر.
"مينهن حق جا هَمُون پيا وسن"
**هِمت ميڙ ونڻي وڃڻ:** همت کان ڪم وٺڻ، حوصلي سان وڙڻ.
"پرچي پوندي ويندين جي تون همت ميڙ ونڻي"
**هِندورو ج هِندورا:** ذ. پينگهو (سُک، چين).
"هُونئن نہ تہ هِندورو هڙا بيت ڪِتي لِکي"
**هُنڌَ ج هُنڌُون:** ث. چونگ، چوڪ، لُگهڻُون.
"سجڻ سُور، هُنڌُون، هٽن منهنجي هانءَ ۾"
**هَوَ:** ث. ذري اڻ لَکي، رَتي
"هُو جي ڏِينَم هَوَ پرين پنهنجي پريت مان"
**هويو ج هويا:** ذ. گوڙ،شور،هنگامو.

"اُتي هُل هويا،جِت بتايُون بي ڍنگيُون"
**هَوَرُ ج هَوَرَ:** ذ. افواهه، ڪُوڙي خبر.
"محشر هُئو شروع،هوائي هَوَرُ نہ هو"
**هورُ ج هورَ:** ذ. هُرڪُر، کُٽڪو.
**هور پورڻ:** هُرڪُر ختم ڪرڻ، ڳڻتي مِٽائڻ.
"پور تہ پوريون هور بخاري جهوريون جهوراٽا"
**هُوڙهه ڪرڻ:** جلد بازي ڪرڻ، تڪڙ ڪرڻ، هوڙهيائي ڪرڻ.
"مُون ڦهر چيو هُوڙهه ڪري ڦُرب نہ ڪوريو"
**هُوڙهيائِي:** تڙتڪڙ، جلدي، اُبهرائي.
"هينئر هليو آءُ، هڪدم هُوڙهيائِي ڪري"
**هوش روشن ٿيڻ:** ذهن کُلڻ، سمجهه وڌڻ، عقل اُجاگر ٿيڻ.
"هوش روشن ٿيا، جوش جرڪِي پيا"
**هُوشرو ج هُوشرا:** ذ. افواهه، هُبڙ دبڙ، هوڪرو.
"ڇَون پَڇَئون ڳوٺن ۾ آ، هُوشرو شهرن ۾ آ"
**هولَ ج هولَ:** ذ. خوف،ڊپ. انديشو ڳڻتي
"اسين هول ڪري دل لائِيُون نہ ٿا"
"هانءُ ڦاٽا ڪيترن جا هول ۾"
**هُوندو:** دولت يا ملڪيت.
"هُوندو ڏجي حال کي، آئيندو آڻت"
**هَونس[هُونسِ] ج هَونسُون:** ث. شوق، خيال، ٻُوءِ.
"هِير چيڙيم هَونس تي طُوفان چيڙيندو وتان"
**هَونڪ:** ث. (جانورن جي سهڪ) بدبُوءِ، ڌَپ.
"هوائُن ۾ هَونڪ، ڪاتان ڪوس گهرن ۾"




ISBN: 978-969-8194-94-9

Rs. 100 /=